خلافت تحريک
جي ايم سيد

(تاريخي دستاويز)



آزاد قاضي

خلافت تحريڪ ۽ جي. ايم. سيد

مرتب:
آزاد قاضي

جي. ايم. سيد فائونڊيشن
ڪراچي

موسيٰ پبليڪيشن
ڄامشورو

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: خلافت تحريڪ ۽ جي ايم سيد
موضوع: تاريخ (تاريخي دستاويز)
مرتب: آزاد قاضي
ڇاپو پهريون: 2012ع
ڇپائيندڙ: موسيٰ پبليڪيشن ڄامشورو
ڪمپوزنگ: صفدر حسين ڪوهارو
قيمت: 200 رپيا

هي ڪتاب جي.ايم سيد فائونڈيشن
جي تعاون سان شايع ڪيو ويو.

پاران ، ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

انتساب

سائين جي. ايم سيد جي ويجهي ساڻي

حڪيم محمد صالح ڪانڊڙي

جي نالي

جا هَڙَ اَندر جِيَ، ساهَڙَ ڏني ساهَ ڪي،
ساهَڙَ ڇُڙي نہ ساه جِي، ساهَڙ ساهَڙ رِيَ،
ساهَڙ ميڙِ سميع، تہ سَاهڙَ ڇڙي ساهَ جي.

(شاهہ ؒ)

پبلشر پاران

خلافت تحريڪ سنڌي سماج ۾ بنيادي شعور پيدا ڪرڻ واري ابتدائي تحريڪ هئي. جنهن هتان جي ماڻهن ۾ گڏ ٽيڙ ۽ گڏجي معاملا حل ڪرڻ لاءِ آواز اٽارڻ واري سگهه پيدا ڪرائي خلافت تحريڪ مان ئي اڳتي هلي ٻين تحريڪن جنم ورتو، اهڙيءَ ريت هجرت تحريڪ، سوديشي تحريڪ، علم تعاون جهڙين تحريڪن ۾ پڻ سنڌي ماڻهو اڳي کان اڳرا نظر اچن ٿا.

هي ڪتاب جيڪو سائين جي ايم سيد جي لائبريريءَ ۾ خلافت تحريڪ بابت موجود تاريخي دستاويزن جي روشنيءَ ۾ تيار ڪيو ويو آهي. اهو سنڌين پاران ڪيل ان جدوجهد جو ٻنهه مختصر جائزو آهي، ان مختصر مواد مان به اصل ڪيل جدوجهد جو اندازو ٿي وجي ٿو.

آءُ محترم آزاد قاضي ۽ اداري جي. ايم سيد فائونڊيشن جو ٿورائتو آهيان، جنهن هي ڪتاب شايع ڪرڻ لاءِ اداري جي حوالي ڪيو.

حبدار علي گاڏهي

فهرست

1. پبلشر پاران
2. پيش لفظ آزاد قاضي 7
3. خلافت تحريڪ ۽ جي. ايم. سيد آزاد قاضي 11
4. 10 ذوالحج 1337هه عيد ڏينهن ڪيل تقرير جي. ايم سيد 43
5. 22 جمادي الاول 1338هه تي خلافت ڪاميٽي
سن ناهڻ وقت ڪيل تقرير جي. ايم سيد 45
6. 25 جمادي الثاني 1338هه تي خلافت ڪاميٽي
اڳيان ڪيل تقرير جي. ايم سيد 47
7. پيغام عَلَمُ: دادوءَ ۾ ترڪيءَ جي جهنڊي
جي آمد وقت ڪيل تقرير جي. ايم سيد 51
8. ٻڙيڪ جي ضد ۾ آيل
مسجدون ۽ خلافت ڪاميٽي جي. ايم سيد 76

تاريخي دستاويز 81 کان 129

پيش لفظ

خلافت تحريڪ جو نہ رڳو سنڌ پر برصغير جي سياسي توڙي سماجي چرپر ۾ بنيادي نوعيت وارو ڪردار رهيو آهي. خلافت تحريڪ ۽ ان جي حوالي سان هليل مختلف تحريڪن جهڙوڪ "ترڪ موالات تحريڪ"، "هجرت تحريڪ"، "ريشمي رومال تحريڪ" ۾ سنڌ جي ماڻهن وڏي چڙهي حصو ورتو پر سنڌين جي ڏنل قربانين جو تاريخ جي ورقن ۾ ڪو ورلي ذڪر ملي ٿو. ان جو بنيادي سبب ان دور جي مواد جو چپائيءَ هيٺ نہ اچي سگهڻ آهي، حالانڪ جيڪي به تحريڪون هليون انهن ۾ سنڌ جا ماڻهو اڳرا اڳرا هئا. پر ان دور جي چوپڙين، پمفليٽن، تحرير هيٺ آيل تقريرن ۽ قراردادن وارو مواد پوري ريت محفوظ ٿي ڪونہ سگهيو، جيڪڏهن ڪنهن وٽ اهو آهي بہ تہ ان کي وڏڙن جي موروثي ميراث تصور ڪندي. لڪائيندا ۽ سانڍيندا پئي آيا آهن، جنهنڪري اهي وقت گذرڻ سان زبون حال ٿي ضايع ٿي ويا پر ٻاهر ڪونہ نڪتا. ورنہ جيڪڏهن اهي ئي رڳو ميڙا چونڊي ڪري اشاعت هيٺ آندا وڃن ها تہ ان دور جي تاريخ جو وڏو ذخيرو سنڀالجي وڃي ها.

سائين جي.ايم.سيد جو نالو سنڌ جي نامور سياستدانن ۾ شمار ٿئي ٿو. سنڌ ۾ هليل شايد ئي ڪا اهڙي تحريڪ هجي جنهن ۾ ڀاڙ سرگرم ٿي حصو نہ ورتو هجيس. خلافت تحريڪ سندس اها ابتدائي تحريڪ

هئي، جنهن جي سفر ۾ سلهاڙجي، سکيا ونيي، تربيت يافته ٿي، پاڻ پنهنجي سياسي سفر جي شروعات ڪيائين. سيد صاحب پاران خلافت تحريڪ ۾ ادا ڪيل ڪردار بابت، ميان محمد موسيٰ پٽو لکي ٿو:

"سيد جي عملي زندگيءَ جو آغاز، خلافت واري تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ سان ٿئي ٿو. جڏهن سندس ڄمار سورنهن سال هئي! سورنهن سالن جي عمر ۾ خلافت تحريڪ لاءِ جي. ايم سيد جيڪو ڪم ڪيو، سو اهڙو هئو جو انهيءَ زماني جي ماڻهن لاءِ حيرت انگيز هئو."

(پرين جي پچار، ص-219)

پٽو صاحب پنهنجي ان راءِ جي سلسلي ۾ وڌيڪ لکي ٿو:

"خلافت جي سڄي تحريڪ دوران، جي. ايم سيد تمام سرگرم رهيو، ... جي. ايم سيد جيئن ته فڪري طور تي جذباتي ۽ محرڪ ثابت ٿيڻ آهي ۽ خلافت تحريڪ پڻ هڪ جذباتي تحريڪ هئي، انهيءَ ڪري ان تحريڪ، ننڍڙي جي. ايم سيد جي جذبات کي پاڻي ڏنو ۽ سندس ڏاڻهن تحرڪ ۽ عمل جو ميدان فراهم ڪيو ويو."

(ص-220-221)

خلافت تحريڪ ۾ بهرو ونندي، ڪانڊيءَ جي ڪپڙن جو استعمال ۽ مٿي تي پٽڪو ٻڌڻ سيد صاحب پنهنجو معمول ڪري ڇڏيو هو، ڪانڊيءَ کي عوام مقبول ڪرڻ ۽ زور ونائڻ لاءِ سن شهر ۾ سندن تعاون سان آڏاڻو پڻ قائم ڪيو ويو.

خلافت تحريڪ سان سيد صاحب جي جا وابستگي هئي، تنهن جو اندازو هن ڪتاب ۾ شامل ان دور ۾ لکيل مختلف مراسلن مان ملي ٿو، جيڪي جماعت جي مختلف اڳواڻن سيد صاحب ڏانهن ۽ سيد صاحب، مختلف ادارن ڏانهن لکيا.

سيد صاحب جي طبيعت ۾ ان دور کان ئي مختلف قسم جو مواد سنيالي رکڻ وارو رجحان سمايل هو. ان رجحان هيٺ پاڻ مختلف تنظيمن جو رکارڊ ۽ سندن ڏاڻهن آيل مراسلن جي ميڙ ڪنڊ چونڊي رهيو هو. سندن اها ميڙ چونڊي سندن جي سياسي ۽ سماجي تاريخ جو وڏو

اهم ذخيرو آهي جيڪو پنهنجو پاڻ تائين محدود رکي، سائنڊ ۽ سنيالڻ بجاءِ، ان دور جو مطالعو ڪندڙ نوجوانن ۽ محققن لاءِ اهو مواد جي.ايم. سيد فائونڊيشن جي تعاون سان ڪتابي صورت ۾ پيش ڪجي ٿو ته جيئن ايندڙ دور ۾ هر فرد اُن منجهان فيض حاصل ڪري سگهي.

جيتوڻيڪ هن مواد جون اڪثر ڳالهيون وقت ۽ حالتون تبديل ٿيڻ ڪري، انوکيون محسوس ٿين ٿيون، پر اهو به اسان جي ئي تاريخ جو حصو آهي انڪري ان جو اصل صورت ۾ عوام اڳيان اچڻ ضروري آهي. سيد جو مطالعو ڪندڙ دوستن کي ان ڳالهه جو علم آهي، ته سيد صاحب سياست ۽ مذهب کي ڌار هلائڻ جو پرچارڪ هيو، پر سندس اوائلي زندگيءَ ۾ جيئن ته مذهب جو گهڻو عمل دخل هو، انڪري هر مواد جنهن ۾ سندس ان زندگيءَ (1924ع تائين) جي هڪ جهلڪ آهي، ان ۾ پاڻ سياست ۽ مذهب جو گڏ هئڻ جو پرچارڪ نظر اچي ٿو، اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي آهي، پر ان ئي دور ۾ مذهب واري فڪر مان به قوم (جنهن جو ان وقت سندس وٽ مسلم قوم جو تصور هو) جي چوٽڪاري وارو پهلو بيتن ۽ آيتن واري حوالي سان نمايان ڪري بيان ڪيو آهي، ۽ جهڙي نموني مذهب جي سستي، ڪاهلي، آرام پسندي واري پهلوءَ جي دليلن سان مخالفت ۽ ان مان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ همت ڪري اڳتي وڌڻ، آرام کي ترڪ ڪرڻ ۽ خوف کي ختم ڪرڻ جان ۽ مال جي قرباني ڏيڻ واري صبر آزما تلقين ڪئي آهي، سندس اهو انداز نه رڳو اڄ پر ايندڙ دور ۾ به جدوجهد ڪندڙ هر انسان لاءِ اُتساهه جو ذريعو ٿي سگهي ٿو. حقيقت اها آهي ته سندس ان ابتدائي دور وارن سبقن ۽ عملي ڪوششن جو ئي اهو نتيجو هو جنهن ڪري تجربي ۽ تعليم جي واڌاري سبب سندس عملي زندگي مان اڳتي هلي سياست ۽ مذهب کي گڏي هلائڻ وارو اهو فطوري فلسفو ته نڪري ويو پر ان وقت ان فلسفي جي پکيڙ پٺيان جيڪو آرام پسنديءَ، ڪاهليءَ ۽ خوف کي ختم ڪرڻ وارو تجربو شامل ٿيو، اهو سندس عملي زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين برقرار رهيو. پاڻ پنهنجي قوم لاءِ بار بار اهڙي تلقين ڪندو

رهيو. هن مواد جي شايع ٿيڻ سان سيد صاحب جي زندگي ۽ عملي جدوجهد جي واڌ ويجهه وارن مختلف دورن بابت مطالعو ڪندڙ محققن کي اصل ڳالهه سمجهڻ ۾ آساني ٿي پوندي.

هن ڪتاب ۾ ٻن قسمن جو مواد ڏنو ويو آهي.

پهرين حصي ۾، محترم جي. ايم. سيد باوجود ننڍي عمر هئڻ جي خلافت تحريڪ ۾، جنهن به طريقي ڪار سان، جيترو به حصو ورتو، ان جو اظهار ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ سيد صاحب جون ڪي تقريرون ۽ تحريرون شامل ڪيون ويون آهن.

ٻئي حصي ۾، خلافت تحريڪ جي سلسلي جو اهڙو دستاويزي مواد (خط، اشتهار، پمفليٽ) ڏنل آهي، جيڪو سيد صاحب جي سرگرم ڪارڪن هئڻ واري دور ۾ مختلف ادارن ۽ ياران سيد صاحب ڏانهن وقت بوقت موڪليو ويو ۽ سندن لائبريريءَ ۾ سنيالیل هو، اهڙي مواد مان جيڪو مواد عڪسي طور اڇڻ جهڙو آهي اهو ان صورت ۾ آڻيو ويو آهي، باقي ٻيو مواد ڪمپوز ڪرائي شامل ڪيو ويو آهي.

آءٌ سيد خاندان جي فرد سيد جلال محمود شاهه صاحب جو ٿورائتو آهيان، جنهن هن مواد کي قومي ملڪيت تصور ڪندي، اهو عام ڪرڻ جي اجازت ڏني، سندس دلچسپيءَ سبب ئي هي مواد عام ٿي، پڙهندڙ جي هٿن تائين پهچي رهيو آهي.

طالب العلم
آزاد قاضي
سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي

ڊسمبر 2011ع

آزاد قاضي

خلافت تحريڪ ۽ جي.ايم.سيد

"خلافت تحريڪ" جي سنڌ ۾ نشوئنما ۽ اُن ۾ سنڌ جي نامياري مفڪر سائين جي.ايم.سيد طرفان ادا ڪيل ڪردار کي سمجهڻ جي سلسلي ۾ ان تحريڪ جي پس منظر ۽ خلافت ڪان اڳ وارين حالتن تي مختصر طور تي نظر وجهڻ ضروري آهي.

پس منظر:

مسلم دنيا ۾ ترڪيءَ جي خليفي کي خليفة المسلمين وارو منصب مليل هو، انڪري هندستان ۾ خلافت تحريڪ جي شروع ٿيڻ ڪان اڳ ئي ترڪيءَ جي مسلمانن لاءِ سنڌ ۾ همدردين ۽ خليفي لاءِ عقيدتمنديءَ وارو ماحول موجود هو. ان سلسلي ۾ هيٺ ٻه مثال پيش ڪجن ٿا:

(1) 1911ع ۾ تُرڪن خلاف اٽليءَ پاران شروع ڪيل جنگ، جنهن ۾ اٽليءَ جي 'ٽريپولي'، 'سئرنيڪا' ۽ 'ڊوڊينيز' ٻيٽن تي قبضو ڪيو ويو هو، اُن وقت ٻه هندستان جي مسلمانن ترڪيءَ جي مدد لاءِ چندا ڪري روڪ رقم ۽ طبي امدادي ٽيمون موڪليون هيون.

(2) اهو واقعو ايڏا پوروئي ڪونہ ٿيو هو تہ 1912ع کان 1913ع تائين بلقان جي رياستن 'سربيا'، 'مانيٽيگرو' ۽ 'بلگيريا' واري بغاوت شروع ٿي، جنهن جي مغربي طاقتن پنيرائي پئي ڪئي. اُن وقت ٻه هندستان جي مسلمانن تہ ترڪن جي مدد لاءِ هت وڌايو، پر سنڌ جي مسلمانن ٻه حاجي عبدالله هارون جي معرفت چندا ڪٺا ڪري موڪليا.

سنڌ جو برڪ سياسي ڪارڪن ۽ سُڃاڻ دانشور سائين جي.ايم.سيد جيئن تہ هڪ باهمت ۽ غيور مسلم خاندان جو چشم و چراغ هو، تنهنڪري ترڪي خلافت خلاف ٿيندڙ متي ذڪر ڪيل سمورين سازشن ڏانهن سندس متوجهہ ٿيڻ لازمي هو.

سائين جي.ايم.سيد جنهن جي اُن وقت عمر نَوَ (9) سال هئي، اُن ترڪن جي مدد لاءِ هلال احمر جي ٽالي سان ٽيندڙ چندي واريءَ مهم ۾ چنلو ڏيئي ان خير جي ڪم ۾ حصو وٺڻ جي شروعات ڪئي.(1) ان کان پوءِ به جون 1920ع ۾ سيد صاحب خلافت جي سلسلي ۾ هڪ سؤ رپيا چندي طور ڏنا.(2)

خلافت تحريڪ:

1918ع ۾ لڳل پهرين عالمي جنگ دوران، ترڪيءَ وارن اتحادي ڏرين خلاف جنگ ۾ حصو ورتو هو، انڪري جنگ کان پوءِ اتحادين کي ملهيل ڪاميابي سبب ترڪيءَ کي سيڪٽ ڏيڻ لاءِ اتحادين (يونان، برطانيہ ۽ فرانس) ترڪيءَ جي علائقن کي پاڻ ۾ ورهائي ڪٽڻ واري مقصد سان خلافت جو خاتمو ضروري سمجهيو. اهڙيءَ ريت ترڪ خلافت جي خاتمي جون تياريون ٿيڻ لڳيون. هيئين پن سببن جي ڪري ان عمل جو هندستان تي اثر پوڻ لازمي هو.

(الف)

هندستان، جنهن تي انگريزن جي قبضي ڪرڻ وقت مسلمانن جي حڪمراني هئي، جن نہ رڳو انگريزن جي قبضي ڪرڻ وقت پر ان کان پوءِ به مختلف وقتن تي انگريزن سان مهاڏو اٽڪايو هو ۽ انگريز مخالفت ۾ هندستان جون ٻيون مذهبي ڏريون پڻ پيش پيش رهيون هيون، انڪري مجموعي طور تي سڀيئي هندستاني اتحادي ڏرين جي خلاف هئا.

(ب)

هندستان جي مختلف سياسي ڏرين طرفان انگريزن خلاف نفرت وارن لاڙن جي باوجود انهن ان عالمي جنگ ۾ ان شرط تي برطانيہ سرڪار سان سهڪار ڪيو هو، تہ اُهي ترڪيءَ خلاف ڪاروائي نہ ڪندا ۽ جنگ ختم ٿيڻ بعد هندستان کي آزاد ڪيو ويندو.

انگريزن مٿي ذڪر ڪيل ٻئي واعدا ڪونہ پاڙيا. اُنهن نہ رڳو واعدي خلافي ڪئي پر مورڳو Sevres Treaty واري پاليسي روا رکندي

ترڪي خلافت ختم ڪري ان جا مختلف حصا پاڻ ۾ ورهائي ڪٽڻ واري سازش ڪئي.

انگريز سرڪار خلاف هندستانين جي دلين ۾ اڳ ۾ ئي نفرت هئي، ويتر انهن جي اهڙين ڪارواين سندن دلين ۾ پيدا ٿيل حقارت واري جذبي کي وڌيڪ هٿي ڏني. آخرڪار ان نفرت ترڪ خلافت جي دفاع واري جدوجهد جو روپ اختيار ڪري ورتو، جنهن کي عملي طرح جماعتي رنگ ڏيئي اڳتي وڌائڻ واري مقصد سان 5- جولاءِ 1919ع تي "آل انڊيا خلافت ڪميٽي" جوڙي ويئي، جنهن 17- آڪٽوبر کان "خلافت ڏينهن" ملهائي عوام کي خلافت تحريڪ کان واقف ڪرڻ ۽ کين منظم ڪري مختلف طريقن سان جدوجهد ڪري، مقصد جي حاصلات لاءِ عملي ڪم جي شروعات ڪئي.

مهاڀاري جنگ جي پڄاڻيءَ تي ملڪ ۾ ڏڪار واريون حالتون پيدا ٿي چڪيون هيون، ڇاڪاڻ ته ملڪ جو مال ملڪيت جنگ ۾ ڪم اچي چڪو هو. مهانگائيءَ سبب ملڪ ۾ لاقانونيت واري صورتحال پيدا ٿي ويئي هئي، جنهنڪري جهڳڙا فساد ۽ قرمار جهڙيون وارڏاتون ٿيڻ لڳيون هيون. مطلب ته اهڙو ته افراتفريءَ وارو ماحول پيدا ٿي ويو هو، جو گوياڪ حڪمرانيءَ نالي ڪا شيءِ باقي نه رهي هئي.

برصغير جي اهڙي منتشر سياسي ماحول ۾ مهاتما گانڌيءَ جي ڏکڻ آفريڪا مان موٽڻ سبب "انڊين نيشنل ڪانگريس" ۾ نئون روح پئجي چڪو هو. مهاتما گانڌي خلافت تحريڪ جي نالي ۾ ترڪن جي همدرديءَ لاءِ پيدا ٿيل عوامي اُبار کي نظر ۾ رکندي "هندو مسلم اتحاد" جو بنياد وجهي انگريزن خلاف مزاحمت جي شروعات ڪري ڏني. ان عوامي نفرت کي روڪڻ لاءِ انگريزن "رولٽ ايڪٽ" نالي قانون لاڳو ڪيو، جنهن موجب "هندستان سرڪار کي اهو اختيار ڏنو ويو ته هو هندستان جي ڪنهن به شخص کي جلاوطن ڪري، پريس جي آزادي ختم ڪري يا سياسي قيدين تي ڪيس هلائڻ لاءِ خاص ٽربيونل مقرر ڪري."(3)

اهڙي ڪاري قانون خلاف هندستان جي هر مڪتب فڪر جي فرد: هندو مسلم، سک، پارسي گڏجي احتجاج ڪرڻ شروع ڪيا. اهڙن ئي احتجاجن جي سلسلي ۾ 13- اپريل 1919ع تي امرتسر جي جليان والا باغ ۾ هڪ جلسو سڏايو ويو، جنهن تي جنرل ڊائر گوليون هلرايون، جنهن جي نتيجي ۾ 389 انسان شهيد ٿيا ۽ اٽڪل 1200 سخت زخمي ٿي پيا."(4)

قتل عام واري انهيءَ وحشتناڪ واقعي خلاف سڄي هندستان ۾ انگريزن لاءِ نفرت واري شديد لهر پکڙجي ويئي. انگريزن خلاف اٿيل اُن نفرت واري لهر ۾ "خلافت تحريڪ" جو مکيه ڪردار هو.

سائين جي.ايم.سيد، جنهن جي عمر اُن وقت صرف 16 سال هئي، اُهو پنهنجي اُستاد ماستر حامد علي ۽ ميان محمد معين خِياروي جي اثر هيٺ پنهنجي ڳوٺ جي سماجي ڪمن ۾ مشغول هو جو هندستان جي مٿي ذڪر ڪيل ماحول ننڍڙي سيد جيءَ کي جنجهوڙي وڌو. اهڙيءَ ريت سندس عملي سياسي زندگيءَ جي شروعات "خلافت تحريڪ" ۾ حصي وٺڻ سان ٿي. اُن دؤر جو ذڪر ڪندي سيد صاحب لکي ٿو:

"منهنجي طبيعت جي جذباتي رجحان جي تقاضا اها ئي هئي. هڪ حساس دل ڪيئن صبر ۾ رهي سگهي ها، جڏهن انهيءَ کي پنهنجي غلاميءَ ۽ ايشيائي ملڪن جي مال غنيمت وانگر ورهاست جي خبر پوي... ملڪ جي سياسي حالات کان چگيءَ طرح واقف ٿي چڪو هوس. دير صرف ان ۾ عملي حصي وٺڻ جي هئي."(5)

سيد صاحب کي ملڪي معاملن ۾ عملي حصي وٺڻ وارو اهو موقعو، 7-8-9- فيبروري 1920ع تي لاڙڪاڻي ۾ سڏايل "خلافت ڪانفرنس" واري جلسي ۾ شرڪت ڪرڻ سان مليو، جنهن ۾ پاڻ ميان محمد معين خياروي ۽ سيد اسدالله شاهه حسينيءَ سان گڏ شريڪ ٿيو. ٽي ڏينهن هلندڙ ان ڪانفرنس ۾ سيد صاحب دلچسپيءَ سان حصو ورتو. ان موقعي تي مولانا ابوالڪلام آزاد جي سحُربياني،

مولانا عبدالباري جي بزرگي، مولانا شوڪت علي ۽ جو جوش ۽ همت سندس طبيعت مٿان اثرانداز ٿيا. مٿي ذڪر ڪيل بزرگن ياران هندستان جي پسماندگي ۽ غلاميءَ واري حوالي سان تفصيلي طور ڪيل تقريرن، سيد صاحب جي ذهن تي ايترو اثر ڪيو جو پاڻ سمجهي ويو تہ:

"ترڪن سان سامراجين جي ناجائز روش جو مڪيہ ڪارڻ هندستان جي غلامي هئي، تنهنڪري جيسين انهيءَ (انگريز) سامراج ڪان نجات حاصل نہ ٿي آهي، تہ اهڙا ڪارڻ هليا ايندا."(6)

سيد صاحب جي دل ۾ انگريزن خلاف نفرت جي اها شروعات هئي. ان اثر هيٺ سيد صاحب جي لاڙڪاڻي مان واپس ٿيڻ ٿي سَن ۾ خلافت ڪانفرنس سڏائڻ جي سلسلي ۾ پهريان 13- فيبروري 1920ع تي سَن جي خلافت ڪاميٽيءَ جو اجلاس گهرائي ان ۾ اتحاد، اتفاق ۽ قرباني جي موضوع تي پُرزور تقرير ڪئي. ان موقعي تي سيد صاحب پنهنجي تقرير ۾ سَن ۽ ان جي پسگردائيءَ جي گڏ ٿيل عوام کي مخاطب ٿيندي چيو:

"اسان سَن ۽ آسپاس وارن مسلمانن کي ڪابہ خبر نہ آهي تہ اسلام جي خلافت پٺيان ڇا ٿي گذريو آهي ۽ ترڪيءَ سان ڪهڙي حالت آهي ۽ ڪهڙي حالت ٿيڻي آهي... هي وقت اسلام جي نهايت زوال جو آهي. جيڪڏهن اسين هن ڪم ۾ ڪابہ ڪوشش نہ ڪنداسين تہ اسلام کي وڏو نقصان رسڻو آهي. هنن ڳالهين بابت ماڻهن کي خواب خيال بہ نہ آهي. ڏسجي ٿيو تہ چوڌاري ٻين ملڪن ۾ انهيءَ ڳالهہ بابت ڪهڙا نہ جلسا ۽ ڪاميٽيون ۽ ڪوششون ٿيون ٿين، پر افسوس آهي تہ اسان جو ملڪ اهڙن اسلامي ڪمن کان ناواقف آهي."(7)

مٿيان تمهيدي ڪلمات بيان ڪرڻ کان پوءِ خلافتي جلسي سڏائڻ واري مقصد جو ذڪر ڪندي پاڻ وڌيڪ چيائون:

"هاڻي اسان کي خيال آيو آهي تہ اسين سڀئي مسلمان چندو ڪري هڪ جلسو يا خلافت ڪاميٽي قائم ڪريون ۽ سڀئي واقف

تي اک پڻيون تہ چا ٿيو آهي ۽ چا ٿيندو جنهن جو وڌيڪ احوال پاڻهي جلسي ۾ ٿيندو. انهيءَ لاءِ ٻاهريان وڏا پڙهيل ماڻهو تقريرون ڏيڻ لاءِ گهرائبا جي اسان کي سڀ واقف ڪندا ۽ ٻڌائيندا. هاڻي توهان سڀيئي مسلمان هن ڪم ۾ تمام سرجوشيءَ سان مدد ڪري، ان ڪم کي بهري وَرُ ڪندا تہ انشاءالله تعاليٰ سڀ فتح ٿيندي."(8)

سيد صاحب جي اها تقرير خلافت جي سلسلي ۾ مجوزه ڪانفرنس جي تياريءَ طور ابتدائي ڏاڪو هئي. ان موقعي تي جلسي جي خرچ پکي لاءِ سيد ميان حاجن شاهه ۽ قاضي ميان الهرڪيه تي مشتمل هڪ ڪميٽي چندي گڏ ڪرڻ لاءِ پڻ مقرر ڪئي ويئي.

مسلمانن سان يڪجهتي ۽ پنهنجي علائقي جي مسلمانن ۾ خلافت تحريڪ بابت شعور پيدا ڪرڻ جي سلسلي ۾ سيد صاحب پاران ٿيندڙ ان ڪوشش جو جڏهن حڪومت کي علم ٿيو تڏهن سرڪار پاران سيد صاحب جي اهڙي عمل تي سخت ناراضگي جو اظهار ڪيو ويو. ان جو ذڪر ڪندي سيد صاحب لکي ٿو:

"ڪانفرنس ڪوناڻ جي تاريخ جي خبر پوڻ شرط اُن وقت جي ڪمشنر صاحب مسٽر ٽامس، جو اُنهيءَ وقت ڪوٽڙي جهاز ۾ منزل انداز هو، مون کي مسٽر غلام مصطفيٰ خان عيسائي ڊپوٽي ڪليڪٽر ڪوٽڙيءَ جي معرفت گهرائي هدايت ڪئي تہ هن عمر ۾ سياست منجهه نہ گهڙان ۽ ڪانفرنس کي مهمل ڪري ڇڏيان."(9)

جيتوڻيڪ اُن وقت صغير هئڻ سبب، سيد صاحب جي خانداني زمين "ڪورٽ آف وارڊس"(10) ۾ سرڪار جي سنيال هيٺ آيل هئي ۽ سرڪار وٽان گذاري لاءِ کين معاوضو ملندو رهندو هو، اُن جي باوجود انگريزن خلاف هلندڙ ان تحريڪ ۾ حصو وٺڻ لاءِ سيد صاحب کيل اعلان تان قُرڻ لاءِ تيار نہ ٿيو ۽ ڪمشنر صاحب کي ٿُپ انڪار ڪندي، اهو چئي جلسي نہ ڪرڻ کان جواب ڏيئي ڇڏيائين تہ:

"مذهبي جذبي ۾ جوش ڪري ڪانفرنس مقرر ڪري ويئو آهيان. دعوت ناما ماڻهن وٽ پهچي چڪا آهن. ماڻهن کي خبر پئجي چڪي آهي، هاڻ ان کي مهمل ڪرڻ ناممڪن آهي."(11)

آخرڪار 17- مارچ 1920ع تي سَن ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي صدارت ۾ طئ ٿيل خلافت ڪانفرنس سڏائي ويئي، جنهن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي، شيخ عبدالعزيز سکر وارو، ڊاڪٽر شيخ نورمحمد حيدرآبادي، مولوي محمد سليمان واعظ الاسلام ترڙي محبت وارو، مولوي عبدالقيوم بوبڪن وارو ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. ان پروگرام ۾ تي هزار کن ماڻهو شريڪ ٿيا، جن ۾ عام ماڻهن سان گڏ، "زميندارن مان رئيس فقير بخش ڪاچي، سيٺ ڏيارام مانجهندن وارو، حاجي نبي بخش خان چانديو ۽ حاجي ولي محمد خان چانديو شريڪ ٿيا."(12)

ان جلسي ۾ خلافت ڪاميٽي سَن جو بنياد وڌو ويو. ان موقعي تي سيد صاحب مسلمانن ۾ اتحاد ۽ اتفاق تي زور ڏيندي، عوام سان مخاطب ٿيندي چيو:

"صاحبان، توهان کي معلوم هجي ته هي جيڪي هلچلون ۽ اسلامي مجلسون پئي ٿيون آهن سي ڇا لاءِ هيون ۽ انهن مان نتيجو ڪهڙو نڪتو ۽ جيڪي دانهون ڪيون ويون سي ڪهڙيءَ حد تي پهتيون؟ اِهي هلچلون خاص ڇگيءَ نيت سان مقامات مقدسہ ۽ خليفة المسلمين جي لاءِ هيون ته مقامات مقدسہ ٻين جي هٿ ۾ نه هئڻ گهرجن ۽ خليفة المسلمين جي هٿ ۾ مقيان مقامات ۽ جيڪي جنگ کان اڳ ملڪ هئا، اهي ئي ڏنا وڃن. اسان پنهنجو فرض ڄاڻي ڪانفرنسون ڪيون آهن ۽ نه ان ڪم ۾ ڪنهن جو ڪو نفسياتي يا ذاتي غرض آهي، پر خاص مٿينءَ مراد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيون ويون آهن. نتيجو ڇا نڪتو. حاضرين! سرڪار رعيت کي خوش ڪرڻ لاءِ ڇا جواب ڏنو ۽ دانهون ڪيستائين پهچايون ويون. جواب جي توهان کي خبر هوندين ۽ اهي دانهون ملبرانِ سرڪار تائين پهچايون ويون

آهن، پر حاصل مطلب تہ پاڻ کي هيٺئر ڪهڙي روش اختيار ڪرڻ گهرجي، سا هيءَ آهي تہ اتفاق يعني پنهنجي ٻڌيءَ کي وڌيڪ قائم ڪريون ۽ پاڻ مان جن جي دل تي متان نفاق جو پردو آهي سي لاهين ۽ همدردي جي رستي تان هلي پردي کي پري ڪري، دنيا جي خواب خيال جي فائدي کي ڇڏي آخرت جي فائدي جي مدنظر نمرودي ڳالهين کان پري ٿي، هڪ ٻئي سان پانهن ٻيلي ٿي ساڻئي مطلب جي حاصل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ڪوشش ڪريون."(13)

سيد صاحب، جنهن ڳوٺ ۽ اُن جي پسگردائيءَ ۾ اڳ ئي پئنچائتي نظام واري طرز تي عوام جي پلائيءَ وارا ڪم پئي ڪيا، ان جڏهن خلافت واري حقيقت واري حوالي سان، ملڪ جي نامور عالمن کان عوام کي آگاهي ڏيارڻ بعد پاڻ ۾ اتحاد ۽ اتفاق قائم ڪري، مقصد حاصل ڪرڻ واري ارادي سان پرزور تقرير ڪئي، تڏهن سندس تقرير جو اهڙو تہ اثر ٿيو جو اُن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندڙ حاجي غلام نبي چانڊيو ۽ حاجي ولي محمد چانڊيو "انگريزن جي ترڪي خلافت جي خلاف روش ڪري ڪمشنر جي درٻار ۾ پنهنجين ڪرسين ڇڏڻ جو ڪانفرنس ۾ اعلان ڪيو."(14)

اهڙيءَ ريت انگريزن جي ناروا روش سبب برصغير ۾ هليل ترڪ موالات / قطع تعلقات واري تحريڪ جي شروعات سيد صاحب جي سربراهيءَ ۾ سَن جهڙي ننڍڙي ڳوٺ ۾ سڏايل ان خلافت ڪانفرنس کان ٿي.

عام طور تي ائين سمجهيو ويندو آهي تہ "علم تعاون" واري تحريڪ جو تصور سڀ کان پهريائين سنڌ جي شهر سيوهڻ ۾ اپريل 1920ع واري خلافت ڪاميٽي جي ڪنڊاڻي ۾ اُپريو، جنهن ۾ ترڪ موالات جو نهراءُ پيش ٿيو."(15) جڏهن تہ سن واري خلافت ڪانفرنس ان کان ٻہ اڳ ٿي هئي. پر جيئن تہ سَن ننڍڙو پهراڙيءَ جو ڳوٺڙو هو. ۽ سيد صاحب جي ان وقت شخصيت پڻ ايتري معروف ڪانہ هئي

انڪري سندس ڳوٺ ۾ ٽيل اهڙي ڪوشش ڪي گهربل ڏنيرائي ملي ڪانه سگهي.

1920ع ۾ خلافت ڪاميٽي، سنڌ ۾ 19- مارچ ۽ 1- آگسٽ تي به اهم ڏينهن ملهايا. انهن ڏينهن تي شهرن ۾ هڙتال ڪري ترڪيءَ جي سلطان جي حق ۾ دعائون گهريون ويون ۽ خير خيرات ڪئي ويئي.

ان سلسلي ۾ 19- مارچ واري ڏينهن سَن ۾ پڻ مڪمل هڙتال ڪرائي ويئي. سَن ۾ ڪرايل ان ڪامياب هڙتال جي خبر شايع ڪرڻ لاءِ سَن ۽ ان جي پسگردائيءَ وارن هندن توڙي مسلمانن جي صحيحن سان هڪ تفصيلي درخواست اخبار "الامين" ڏانهن موڪلي ويئي، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو ته:

"تاريخ 19- مارچ 1920ع جمع جي ڏينهن شهر سَن ۾ هڙتال جي تعميل هندن ۽ مسلمانن پنهنجي دل جي صدق ۽ خوشيءَ سان بلڪل ڇڳيءَ طرح ڪئي. جيئن ته مسلمانن جمع ڏينهن صبوح کان شام تائين سڀ دنيائي ڪم ڇڏي مسجدن سڳورن ۾ ترڪيءَ جي سلطان جي حق ۾ دعائون گهريون ۽ خيرخيرات ڪيا، اهڙيءَ طرح هندن صاحبن به ڪمر همت جي ٻڌي، قومي همدردي ڏيکاري. متيون ڏينهن صبح کان شام تائين، سيني پنهنجا ٻيا سڀ ڪم ڇڏي ۽ دڪان بند ڪري، مندرن ۽ ٺڪاڻن ۾ سلطان ترڪي جي حق ۾ دعائون گهريون ۽ خيرات ڪيا..... هاڻي اسان جي استدعا آهي ته اوهان صاحب مهرباني ڪري وائسراءِ هند معرفت بادشاهه سلامت کي هي اسان جو احوال ۽ عرض پيش ڪندا ته اسان جي گهُرن موجب فيصلو نه ٿيو ته اسين سمجهنداسون ته اسان جي مذهب جي برخلاف دست اندازي ٿي رهي آهي."(16)

متي ذڪر ڪيل درخواست نما خط جي آخر ۾ غير مسلم برادريءَ پاران هيٺينءَ ريت وضاحت لکي ويئي:

"اسان هيٺ صحيح ڪندڙ شهر سَن جي هندن مان مکيه ماڻهو آهيون ۽ اسان جمع ڏينهن پنهنجا سڀ دڪان بند ڪري، مندرن ٽِڪاڻن

۾ سلطان ترڪي جي حق ۾ دعائون گهريون ۽ خيرات ڪئي. جيڪڏهن خلافت جو فيصلو اسان جي مسلمانن پائرن جي گهُرن موجب فيصل نه ٿيو ته جيتريقدر ٿي سگهندو اوتري قدر مسلمانن پائرن سان شامل رهنداسين."(17)

اهڙيءَ ريت خلافت تحريڪ ۾ سيد صاحب طرفان دلچسپي ونڊ سبب ڪين سنڌ اندر ٿيندڙ جلسن ۽ ميٽنگن جو اطلاع ملندو رهندو هو. جن مان اڪثر پروگرامن ۾ پاڻ دلچسپيءَ سان حصو ورتائون ۽ ذمي ڪنيل ڪمن جي سرانجاميءَ ۾ پڻ سرگرم رهيا. جن جا ڪجهه مثال هن ريت آهن:

1- 25- مارچ 1920ع تي پاڻ مخدوم بلاولؒ جي درگاهه تي سڏايل خلافت ڪانفرنس جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيا. اُتي درگاهه ٻاهران ڪُليل ميدان ۾ گڏ ٿيل اٽڪل ڏهه هزار ماڻهن جي مجموعي اڳيان لکيل تقرير ڪيائون. ان موقعي تي سيد صاحب جي ننڍي قد هٿ ڪري ڪيس ميز تي ڪرسي رکي ڳالهرايو ويو.

2- مٿئين جلسي ۾ شريڪ ٿيڻ بعد 26- مارچ 1920ع تي پاڻ دادوءَ ۾ ميان معين الدين خياروي وٽ ويو. جتي ڪيترن ئي خلافتي دوستن سان مليو.

3- 31- مارچ 1920ع تي سيوهڻ خلافت ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽري مخدوم سراج الدين سيد صاحب ڪين خط لکي اطلاع ڏنو ته 27 رجب جي موقعي تي سنڌ پراونشنل خلافت ڪانفرنس سڏائي ويئي آهي.

4- 17- اپريل 1920ع تي سيد صاحب هالن نون ۾ خلافت ڪاميٽي جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪئي. اُن ميٽنگ ۾ شيخ عبدالعزيز سکر وارو، علي اصغر شاهه ٽکڙ وارو، مولوي اسدالله شاهه ٽکڙ وارو ۽ مولوي عبدالخالق مورائي پڻ آيل هئا. ان جلسي جو انتظام ميان پير محمد انصاري ڪيو هو. جڏهن ته مخدوم صاحب (هالا) ان ۾ حصو نه ورتو هو.(18)

5- 22- اپريل 1920ع تي پير شاھ محمود شاھ جيلاني جي درگاھ نصرپور ۾ خلافت جو جلسو رکيو ويو، جنھن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر شيخ نورمحمد، ڊاڪٽر چوٿرام ۽ مسٽر نرسنگ لال مدعو ڪيا ويا. ان جلسي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ انتظاميہ ڪاميٽيءَ جي نمائندن مولوي تاج محمد قاضي عبدالرحمان قريشي ۽ مسٽر محمد يوسف، خليفو جمع خان عباسي، سيد صاحب کي شريڪ ٿيڻ لاءِ اطلاع ڪيو.

سيد صاحب مقامي طور تي سرگرم رھندي جنھن جوش خروش سان ڪم پئي ڪيو، ان ڳالھہ جو اندازو سنڌ صوبائي خلافت ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽري حڪيم شمس الدين جي 27- اپريل 1920ع واري لکيل ھينئين خط مان ٿئي ٿو، جنھن ۾ ھُو سيد صاحب کي لکي ٿو:

"اُميد تہ ڪم نهايت جوش ۽ خلوص سان ڪري رهيا هوندا. اُتي خلافت جي جلسي جي موقعي تي ڪجھ جانور بطور چندي مليا هئا، اُنهن جي خبر لکندا تہ اُنهن جي لاءِ ڪهڙو فيصلو ڪيُوَ. سخت ضرورت معلوم ٿي رهي آهي تہ جلد کان جلد خلافت ڪميٽي جي جنرل ميٽنگ ڪوڻائي وڃي ۽ 15- مئي کان اڳ جلسو ڪيو وڃي، تنهنڪري مهرباني فرمائي ورندڙ ٽپال ۾ پنهنجي صلاح لکندا تہ جلسو حيدرآباد ۾ ڪجي يا ڪراچي ۾. پنهنجي خيريت ۽ آڻاهون جي مفصل حالات کان جلد مُطلع ڪندا."(19)

7- مئي 1920ع تي جمعيت اسلاميہ صوبي سنڌ جي دفتر مان 22- 23- مئي 1920ع تي خلافت ڪاميٽي پاران حيدرآباد ۾ ميان نورمحمد وڪيل جي جاءِ تي ٽيندڙ جلسي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سيد صاحب کي هڪ عام (چيپيل) مراسلو موڪليو ويو، جنھن ۾ لکيو ويو هو تہ:

"هي جلسو تمام ضروري آهي ۽ گهڻن اهم ڳالهين جو فيصلو ڪرڻو آهي، تنهنڪري ضرور توهين شريڪ ٿي ممنون فرمائيندا."(20)

ان اشتهارنما مراسلي ۾ هيٺ ذڪر ڪيل غور طلب مکيہ نُڪتا بيان ڪيل آهن.

1. انهيءَ تحريڪ کي ڪامياب ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته ديسي شيون ڪم آڻجن ۽ سنڌ جي هنرن کي زور ونارائجي.

2. اُهي عملدار جي خلافت تحريڪ ۾ حصي وٺندڙ کي تڪليف ٿا ڏين، تن جو ڇا بندوبست ڪرڻ گهرجي؟

3. هندستان مان نڪري اسلامي ملڪن ڏي هجرت ڪرڻ.

4. گورنمينٽ کان قطع تعلقات ڪرڻ.(21)

مٿي ذڪر ڪيل ڇاپي مراسلي جي پٺيان جوائنٽ سيڪريٽري دفتر جمعيت خلافت اسلاميہ سنڌ حڪيم شمس الدين پنهنجي هٿن سان سيد صاحب کي لکيو:

"جنرل ميٽنگ جي جلسي ۾ اوهان جو شريڪ ٿيڻ نهايت ضروري آهي تنهنڪري ضرور تشريف فرمائيندا.

سرائي ميان نبي بخش خان، جنهن سَن جي جَلسي ۾ ڪُرسي ڇڏي هئي، اُنهن جو پورو سرنامو اسان کي معلوم نہ آهي، تنهنڪري هُن جو خط اوهان جي معرفت موڪليون ٿا. ازراہ ڪرم هن کي پهچائيندا ۽ هن جي ٻَپال جو پتو پورو لکندا."

مئي 1920ع ۾ سيد صاحب کي پراونشنل خلافت ڪاميٽي سنڌ تي ميمبر طور ڪنيو ويو، جنهن جو اطلاع ڏيندي 27- مئي 1920ع تي مسٽر محمد خان سيڪريٽري سنڌ پراونشنل خلافت ڪاميٽي، سيد صاحب کي لکيو:

"هومسٽيڊ هال حيدرآباد ۾ تاريخ 22- 23- مئي 1920ع جي هڪڙي ميٽنگ گڏ ٿي هئي جنهن ۾ نهراءُ ڪيو ويو هو تہ علائقي سنڌ جي لاءِ هڪڙي پراونشنل خلافت ڪميٽي مقرر ڪئي وڃي، اُن جي لاءِ 35 ميمبرن جو انتخاب ڪيو ويو هو. اُنهيءَ ڪميٽي ۾ توهان صاحبن کي بہ خلافت ڪميٽي جي ميمبر ٿيڻ لاءِ انتخاب ڪيو ويو آهي جو

اُميد آهي ته مهرباني فرمائي توهين ضرور قبول فرمائيندا. جواب تمام جلد ڏيندا."(22)

مٿي ذڪر ڪيل ليٽر کان پوءِ 8- جون 1920ع تي جوائنٽ سيڪريٽري پاران سيد صاحب کي وضاحتي مراسلو موڪليو ويو، جنهن ۾ 45 ميمبرن جي انتخاب ڪرڻ جو ذڪر ملي ٿو.

سنڌ لاءِ چونڊيل خلافت ڪاميٽي جي ميمبر مقرر ٿيڻ کان پوءِ خلافت جي سلسلي ۾ سيد صاحب جون وڌيڪ سرگرميون نظر اچن ٿيون، جنهن جا ڪجهه مثال هن ريت آهن.

مخدوم محمد معين الدين خياروي کين 15- جون 1920ع تي هڪ خط ۾ لکي ٿو:

"خلافت ڪانفرنس مخدوم (بلاول) جي ماهه پهرين جمعي تي مقرر ڪئي ويئي آهي. عام دعوتون موڪليون ويون آهن... اوهان شهزادن جي ملاقات لاءِ اڪيون انتظار جون نگران آهن. اميد قوي آهي ته ضرور ضرور تشريف فرمائيندا. پٽا ۽ جهنڊا اسلامي ضرور آڻجو....

ان خط ۾ ئي 'قلم تازي' طور آخر ۾ تاڪيد ڪندي لکيو ويو آهي:

"تقرير ضرور ناهي ايندا، جا حضرت مخدوم صاحب جي جاءِ تي توهان کان پڙهائي ويندي."(23)

ترڪ موالات:

خلافت تحريڪ پاران "ترڪ موالات" نالي، هڪ جامع پروگرام جو حامل، هڪ اهڙو لائحه عمل شروع ڪيو ويو هو، جيڪو پنهنجي پرپور مفهوم جي اعتبار کان فرنگي سرڪار ۽ اُن جي چاڙتن کان مُنهن موڙڻ جو پروگرام رکندڙ هو. جيئن ته مُنهن موڙڻ يا لاڳاپا توڙڻ جو اصطلاح وسيع معنيٰ رکي ٿو، انڪري هن تحريڪ کي هيٺين مختلف نالن هيٺ حصن ۾ ورهايو ويو. (1) قطع تعلقات تحريڪ، (2) سؤديشي تحريڪ، (3) هجرت تحريڪ.

مٿي ذڪر ڪيل سيئي تحريڪون ترڪ موالات جي سلسلي ۾ خلافت تحريڪ جي حصي طور ڪم ڪنديون رهيون، جن ۾ سنڌ نه رڳو آل انڊيا جماعتن سان سهڪار ڪيو پر سنڌ خلافت ڪاميٽي پنهنجي طور تي ڪيترائي اهم پروگرام ڪيا، جن مان اڪثر پروگرامن ۾ سائين جي.ايم.سيد جو ڪردار نمايان نظر اچي ٿو.

جنگ جي خاتمي کان پوءِ ترڪيءَ مٿان مڙهيل ذلت آميز شرط مسلمانن کي ڪنهن به قيمت تي قبول نه هئا، جنهنڪري هندستان جي مسلمانن ان مسئلي کي تمام سنجيدگي سان ورتو. ان سلسلي ۾ 12- مئي 1920ع تي بمبئيءَ ۾ هڪ خاص اجلاس سڏايو ويو، جنهن ۾ "تحريڪ علم تعاون" جي پروگرام کي آخري شڪل ڏني ويئي. ان جي روشنيءَ ۾ 2- جون 1920ع تي الهه آباد ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس جي موقعي تي قطع تعلقات جو نهرائ پاس ڪيو ويو، جنهن موجب سرڪاري نوڪريون ڇڏڻ، سرڪاري اسڪولن ۾ نه پڙهڻ، ڪورٽن جو بائيڪاٽ ڪرڻ، باهرين شين خاص طور تي ڪپڙي جو بائيڪاٽ ڪرڻ شامل هو.

ان دوران سنڌ خلافت ڪاميٽي پڻ مختلف پروگرام ڪندي پئي رهي. اهڙي هڪ رٽيل پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ جون 1920ع ۾ سيد صاحب کي صوبي سنڌ خلافت ڪاميٽي جي صدر شيخ عبدالمجيد سنڌي هڪ مراسلي ۾ لکيو:

"عرض ته صوبي سنڌ خلافت ڪاميٽي جي ميٽنگ 12-13- جون تي سکر ۾ منعقد ٿيندي، جنهن ۾ سنڌ جي مسلمانن جي سڌاري ۽ تنظيم بابت تجويزن تي بحث ڪيو ويندو. تنهن ڪانسواءِ ڪائونسلن جي ايندڙ چونڊن ۾ سنڌ جي بين قومي جماعتن سان گڏجي لائق اميدوارن کي امداد ڏيڻ جي سوال تي بحث ڪيو ويندو. اهڙن ضروري سوالن ۾ توهان جهڙن بزرگن جي شريڪ ٿيڻ سان ڪم گهٽو آسان ٿي پوندو ۽ آءٌ توهان کي ۽ توهان جي ائسوسئيشن کي

صوبي ڪاميٽيءَ جي متين ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻ جي دل و جان سان دعوت ڏيان ٿو."(24)

22 جون 1920ع تي هندستان جي مسلمانن ڏانهن طور تي وائسراءِ ۽ گورنر جنرل هندستان "بيرن چيلمسفورڊ" کي هڪ ياداشت نامو موڪليو جنهن ۾ مطالبو ڪيو ويو ته:

"برطانيه سرڪار ترڪيءَ تي مڙهيل شرطن تي نظرثاني ڪرائي، ٻيءَ حالت ۾ سنڌ ۽ هند جا مسلمان ترڪ موالات جو آغاز ڪندا."(25)

ان ياداشت نامي تي مدراس، بهار، اوڙيسا، بنگال، آگرو، اوڌ، پنجاب ۽ بمبئي جي اڳواڻن ڪان سواءِ سنڌ مان هيٺين ارڙهن نامور عالمن ۽ سياسي اڳواڻن جون صحيحون ٿيل هيون:

(1) سيٺ حاجي عبدالله هارون (ڪراچي)، (2) مولانا ابوالحسن سيد، تاج محمود (امروٽ)، (3) ميان سيد الدين منشي (حيدرآباد)، (4) شيخ عبدالمجيد سندي (حيدرآباد)، (5) محمد خان (حيدرآباد)، (6) ڊاڪٽر ايم.اي احمد (ڪراچي)، (7) مولوي سيد اسدالله شاهه (ٽڪر)، (8) مولوي محمد صادق (ڪراچي)، (9) مسٽر جان محمد جوٽيجو (لاڙڪاڻو)، (10) پير تراب علي شاهه (قمبر)، (11) مولوي عبدالغفور (جيڪب آباد)، (12) مولوي عبدالخالق مورائي (مورو)، (13) پير رشدالله (پير جهنڊو)، (14) مولوي حڪيم فضل محمد (نوشهرو)، (15) نجم الدين انصاري (نوشهرو)، (16) مولوي حڪيم محمد صديق (مورو)، (17) محمد هاشم مخلص (ميرپورخاص) ۽ (18) حاجي احمد علي (ڊينگاڻ).(26)

اهڙيءَ ريت سنڌ جي سرڪرده عالمن ۽ سياسي اڳواڻن پرپور ڪوشش ڪئي ته برطانيه پنهنجي ڪيل واعدن کي پاڻي ڏيندي ترڪيءَ خلاف مڙهيل ڪارن قانونن کي ختم ڪرائڻ ۾ مدد ڪري، پر ائين ٿي نه سگهيو. انڪري آخرڪار "ترڪ موالات" جي تياري ڪئي ويئي.

"ترڪ موالات" جي حوالي سان سنڌ اندر ٿيندڙ سرگرمين ۾ سهڪار ڪرڻ جي سلسلي ۾ سيد صاحب ڏانهن خلافت ڪاميٽي

پاران 17- آگسٽ 1920ع واري موڪليل اپيل نما اشتهاري مراسلي ۾ لکيو ويو ته:

"اوهان کي خبر هوندي ته مرڪزي خلافت ڪاميٽي بمبئي فيصلو ڪيو آهي ته جنهن صورت ۾ ترڪيءَ جي صلح جي شرطن جي متعلق سرڪار اسان جي درخواستن تي ڪَن نٿي ڏئي ته اهڙيءَ صورت ۾ اُن سان ترڪ موالات (نان ڪوآپريشن) ڪرڻ گهرجي، پر اهو فيصلو تڏهن عملي صورت ۾ اچي سگهي ٿو جڏهن اسان جا ملڪي هندو پائر به انهيءَ ڪم ۾ اسان سان شريڪ ٿي بيهن. جيتوڻيڪ مذهبي طرح اسان جي مسلمان بزرگن اها پنهنجي آخري صلاح قائم ڪئي آهي. مهاتما گانڌي ۽ ٻيا به گهڻا مڪي هندو اصحاب اسان سان پوريءَ طرح شريڪ آهن تنهن هوندي به عام طرح هندو دوست انهيءَ انتظار ۾ آهن ته انڊين نيشنل ڪانگريس جا هنڌن ۽ مسلمانن جي گڏيل ملڪي ۽ سياسي مجلس آهي، تنهن جي روبرو به اهو وڏو مسئلو اچي ۽ ان تي غور ڪري فيصلو ڪجي.... هندستان جي انهيءَ مجلس جي شاخ (سنڌ پراونشنل ڪانفرنس) جو هڪ خاص جلسو انهيءَ مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ حيدرآباد سنڌ ۾ تاريخ 28-29- آگسٽ سنہ 1920ع تي ٿيندو تنهنڪري ضرورت آهي ته جهڙيءَ طرح هن وڏي ڪالهه تي غور ڪرڻ لاءِ گهڻا هندو پائر هن جلسي ۾ شريڪ ٿيڻ جي تياري ڪري رهيا آهن، اهڙيءَ طرح اسين مسلمان به گهڻي تعداد ۾ شريڪ ٿي ترڪ موالات جي مسئلي کي، جو خالص اسان جو مذهبي مسئلو آهي، ڪثرت راءِ سان پاس ڪرايون... اوهان جي خدمت ۾ عرض آهي ته انهن تاريخن تي توهين پاڻ سان پنهنجا دوست احباب جيترا ٿي سگهن، حيدرآباد ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آڻيو ته اسان مسلمانن جي راءِ جي ڪثرت ٿئي... انهيءَ ڪانفرنس ۾ فيصلي ٿيڻ کان پوءِ ڪم پورو نٿو ٿئي بلڪ ڪلڪتي ۾ سموري هندوستان جي ڪانگريس ٿيٽي آهي ۽ وري اُتي هلي اها تحريڪ پاس ڪرائڻي آهي." (27)

جلد ئي پوءِ آگسٽ 1920ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس ڪلڪتي ۾ خاص اجلاس گهرائي انگريزن سان قطع تعلقات ڪرڻ جو نهرائُ وڌيءَ اڪثريت سان پاس ڪيو ويو.

خلافت تحريڪ جي ترڪ موالات واري جدوجهد جون ڪڙيون ملائڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سيد صاحب پاران 17- مارچ 1920ع تي سڏايل خلافت ڪانفرنس جي موقعي تي سرڪاري ڪرسين ڇڏڻ وارو واقعو ان عمل جي شروعات هئي، جڏهن ته آل انڊيا سطح تي اهڙو فيصلو بعد ۾ مرڪزي خلافت ڪاميٽي جي مئي 1920ع واري بمبئي ۾ ٿيل اجلاس ۾ ڪيو ويو هو.

ان بعد 2 جون 1920ع واري الله آباد ۾ ٿيل آل پارٽيز ڪانفرنس جي موقعي تي ان جي توسيع ڪئي ويئي ۽ آگسٽ 1920ع جي ڪلڪتي واري اجلاس ۾ آل انڊيا ڪانگريس پڻ اهڙو نهرائُ پاس ڪيو هو، جنهن جي نتيجي ۾ "قطع تعلقات"، "هجرت تحريڪ" ۽ "سؤديشي تحريڪ" جنم ورتو، جن ۾ پڻ سنڌ جي ماڻهن سرگرم حصو ورتو.

سيد صاحب جي اُن وقت واري سرگرمين مان ڇٽو ٿئي ٿو ته پاڻ "خلافت تحريڪ" جي مختلف پروگرامن ۾ حصو ونڻ لاءِ پوريءَ طرح هر وقت تيار رهندو هو. ڪيس مختلف ڪمن جي پرچار ڪرڻ ۽ چندو گڏ ڪرڻ جي سلسلي ۾ وقت بوقت جيڪي حڪم ملندا هئا، تن جي پورائي ڪرڻ ۾ وسان ڪين ڪهٽائيندو هو. سيد صاحب جي اهڙين سرگرمين جو اندازو خلافت ڪاميٽي صوبہ سنڌ جي سيڪريٽريءَ پاران موڪليل مراسلن جي مواد مان ٿئي ٿو. 11- سيپٽمبر 1920ع واري مراسلي ۾، مئي مهيني ۾ موڪليل چندي وارن رسيد بُڪن جي چندي سميت واپس ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪندي هيٺين نڪتن بابت غور ڪرڻ لاءِ لکيو ويو.

- قومي تعليم جي ترقيءَ لاءِ جن ماڻهن گرانٽون ڇڏيون آهن تن لاءِ ڪهڙو بندوبست ڪيو ويو آهي.

- سؤديشيءَ کي زور ونائڻ لاءِ کڏڙي کوشش ورتي ويئي آهي.
- کڏڙو سبب آهي جنهنکري هاڻي عمل جي وقت کناره کشي کئي وڃي ٿي.(28)

اڏڙيءَ ريت 15- سيپٽمبر 1920ع واري مراسلي ۾ 26- سيپٽمبر 1920ع تي دفتر جمعيت خلافت اسلاميه صوبه سنڌ ۾ ٿيندڙ جلسي (اجلاس) جو اطلاع ڏيندي، کيس ٻڌايو ويو ته "هيٺين تجويزن تي غور کيو ويندو":

1- کائونسلن جو بائکاٽ کرڻ
2- قومي تعليم لاءِ مدرسه کولڻ
3- پنهنجون پٺنچائتون ناهڻ
4- سؤديشي اسٽور کولڻ.(29)

ان وقت هندستان ۾ کائونسلن جون چونڊون ٿيڻ واريون هيون، جن جو خلافت تحريڪ ۽ اَن سان وابسته مختلف سياسي جماعتن پاران بائيکاٽ کرڻ جون تياريون کيون پئي ويون. ان سلسلي ۾ ماڻهن کي سمجهائي انگريز سرکار مخالف ماحول ناهڻ جي سلسلي ۾ سيکريٽري خلافت کاميٽي شيخ عبدالمجيد سنڌي 15- آڪٽوبر 1920ع تي سيد صاحب کي لکيو:

"سائينجن کي معلوم هونڌو ته ترڪ موالات واري تجويز ڪلڪتي ۾ اسپيشل کانگريس، مسلم ليگ، خلافت کانفرنس ۽ انجمن علماء گڏجي پاس کئي. انهيءَ تجويز کي کامياب بنائڻ لاءِ نهايت ضروري آهي ته هرهنڌ جلسا کيا وڃن. في الحال گورنر ۽ وائسراءِ جي کائونسل لاءِ چونڊن جو سوال درپيش آهي ۽ ووٽرن کي سمجهائڻو آهي ته کنهن به اميدوار کي ووٽ نه ڏين."(30)

سيد صاحب خلافت تحريڪ جي مختلف سرگرمين ۾ هونئن ئي سرگرم عمل هو، انکري تحريڪ جي حڪمن جي پابندي کندي پاڻ بمبئي کائونسل جي چونڊن ۾ حصو نه ونڊ واري پرچار ۾ پڻ وڌيڪ سرگرم رهيو. کائونسل جون چونڊون ٿيون. چونڊن جي هڪ اميدوار

محمد عابداڻي لاءِ سيد صاحب کي لاڳاپيل وارين ڏرين طرفان سفارش ڪرائي ويئي، پر خلافتي فيصلي موجب سيد صاحب پاران ووٽ ڏيڻ/ڏيارڻ جي سلسلي ۾ ڪوبہ حصو نہ ونڊ واري راءِ تي پورو پورو عمل ڪيو ويو. سيد صاحب ان جو ذڪر ڪندي لکيو:

"16- نومبر 1920ع تي بمبئي ڪائونسل جي چونڊ جا ووٽ هئا، انهيءَ لاءِ ڪيترا اميدوار بيٺل هئا، ووٽن ۾ خلافت جي تحريڪ ڪري حصو نہ ورتو ويو."(31)

خلافت تحريڪ جي مختلف معاملن ۾ دلچسپي وٺندو رهڻ ڪري سيد صاحب کي مرڪزي توڙي صوبائي خلافت ڪاميٽين جي سرگرمين بابت وقت بوقت آگاهہ ڪيو ويندو هو. ان سلسلي ۾ 7- ڊسمبر 1920ع تي سيڪريٽري سنڌ خلافت ڪانفرنس سيد صاحب کي لکيو:

"اوهان کي معلوم هوندو تہ انڊين نيشنل ڪانگريس جو ايندڙ اجلاس ناگپور ۾ 26- ڊسمبر تي ٿيندو، جتي نهايت اهم قومي ۽ ملڪي مسئلن تي غور ڪيو ويندو. ترڪ موالات جي منزلن بابت قدمن تي وڌيڪ ويچار ڪيو ويندو ۽ تحريڪ خلافت جا دشمن سرگرم ڪوششون ڪري رهيا آهن تہ ڪثرت راءِ سان ترڪ موالات نامنظور ڪرائجي يا قدمن ۾ ڦيرگهير ڪئي وڃي... جيسين خلافت جو مسئلو اسان جي خواهشن ۽ مذهبي حڪمن موجب نہ ٿيندو تيسين ان قدم تان نہ هٽنداسين. ان لاءِ ضروري آهي تہ اسين ڪافي تعداد ۾ اچي جلسي ۾ شريڪ ٿيون ۽ پنهنجي رٽ بحال ڪرايون. ازان سواءِ ڪانگريس جي اغراض و مقاصد ۽ بين قوانين جي جوڙجڪ تي بہ غور ڪيو ويندو. خلافت ڪانفرنس جو جلسو بہ اُنهن تاريخن تي اُتي ٿيندو، اُن لاءِ منهنجو عرض آهي تہ اوهان هن ۾ شريڪ ٿي ممنون فرمائيندا."(32)

سيد صاحب پاران خلافت تحريڪ سان وابستہ مختلف ڪمن ۾ عملي طور سرگرم حصو ونڊ سبب کيس وقت بوقت پروگرامن ۾

گهرايو ويندو هو. اُن جو مثال سنڌ پراونشل خلافت ڪاميٽي پاران 19- ڊسمبر 1920ع تي سڏايل اجلاس لاءِ منتظم ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽريءَ پاران 14- ڊسمبر 1920ع واري لکيل هيٺئين مراسلي مان ملي ٿو، جيڪو هيٺين نڪتن بابت غور ويچار ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو هو.

(1) بيت المال جو حساب
(2) بيت المال گڏ ڪيئن ڪجي
(3) حيدرآباد ۾ لاڙڪاڻي ۾ مرڪز ماتحتي (سب مرڪز) ناهڻ
(4) قومي تعليم لاءِ ڪيئن روپيه جمع ڪجن
(5) هيٺين صاحبن جو مستقل وفد ناهڻ
پير تراب علي شاهه صاحب، پير علي انور شاهه صاحب
۽ مسٽر عبدالجبار صاحب
(6) تبليغ ۽ سڌيشي جي رپورٽ
(7) جيڪي ماڻهو بنا سَند خلافت جي نالي سان
چنده جمع ڪن ٿا انهن کي ڪيئن روڪجي
(8) ضلع ايڊ سنڌ ۾ ڪڏهن ۽ ڪٽي جنرل ميٽنگ ڪجي.
(9) پئنچائتون ناهڻ ۽ ناگپور ڪانگريس لاءِ نمائندا موڪلڻ(33)

1920ع ۾ مرڪزي خلافت ڪاميٽي پاران برطانيه سرڪار اڳيان خلافت جو مسئلو بهتر طريقي سان پيش ڪري حل ڪرائڻ جي سلسلي ۾ مولانا محمد علي جوهر، علامه سيد سليمان ندوي ۽ سيد حسن امام تي مشتمل هڪ وفد لنڊن موڪليو ويو، جنهن کي برطانيه سرڪار ڪائي موٽ ڪانه ڏني(34). اهڙيءَ ريت اُن وفد جي ناڪام ٿي موٽڻ ڪان پوءِ ڊسمبر 1920ع جي آخر ۾ ناگپور ۾ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس گڏيل اجلاس سڏايو، جنهن ۾ "ترڪ موالات" واري اڳ

پاس ڪيل رٿ جي توسيع ڪندي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو ويو.

ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي ڳڙيل اجلاس واري هن فيصلي کان پوءِ "جمعيت خلافت اسلاميہ صوبہ سنڌ" پاران ملڪي ۽ تنظيمي صورتحال تي غور ڪرڻ لاءِ 5- فيبروري 1921ع تي خلافت ڪاميٽيءَ جي آفيس ۾ اجلاس گهرايو ويو جنهن ۾ سيد صاحب سوڌو مڙني دلچسپي رکندڙ ميمبرن کي سڏايو ويو. اُن اجلاس جون ٻه(9) ايجنڊائون ساڳيون ڏسمبر ۾ ٿيل اجلاس واريون هيون، باقي ست واڌو ايجنڊائون هن ريت رکيون ويون:

(1) مجاهدن جون جماعتون تيار ڪرڻ

(2) سرڪاري دٻاءُ کي ڪيئن مُنهن ڏجي

(3) ميرپورخاص ۾ سنڌ پراونشنل ڪانفرنس سان گڏ سنڌ خلافت ڪانفرنس ڪجي يا نہ ڪجي

(4) مولانا محمد صادق جون تجويزون مُلان اسڪولن بابت

(5) هميشہ لاءِ مبلغين مقرر ڪرڻ

(6) مرڪزي خلافت ڪاميٽي بمبئي جا جاري ڪيل نوٽ ڪيتري قيمت جا وڪري لاءِ گهرايا وڃن.

(7) ڪانگريس مقاصد- سوراج ۽ قطع تعلقات."(35)

جيئن جيئن ملڪي ماحول تبديل پئي ٿيو تيئن تيئن خلافت ڪاميٽي تڪڙا تڪڙا اجلاس سڏائي نوان نوان فيصلا پئي ڪيا. اهڙوئي هڪ اجلاس 26-27- فيبروري 1921ع تي لاڙڪاڻي ۾ گهرائڻ لاءِ بين ميمبرن سان گڏ سيد صاحب کي پڻ مراسلو موڪليو ويو. جنهن ۾ تنظيمي جوڙجڪ واري حوالي سان انتظامي ايجنڊائن کان سواءِ ملڪي صورتحال جي روشنيءَ ۾ هيٺيون بنيادي نوعيت واريون ايجنڊائون رکيون ويون.

1- تعليم لاءِ فنڊ ۽ اسڪول

- هاءِ اسڪولن جي ڪولڻ بابت

- مُلان اسڪولن کي گرانٽ ڏيڻ بابت
- ٻين اسڪولن کي گرانٽ ڏيڻ بابت
2- سنڌ مدرسي جي بورڊ بابت
3- سوديشي
- ائٽ سنڌ ۾ ڪيئن پکيڙجن
- ديسي ڪپڙي ۽ سامان جا اسٽور کولڻ وجن
- ڪونن ۾ اُٽڻ جي ڪم کي همٿائجي
- الوحيد پريس کي ضمانت پري ڏنل ڏيسن بابت
- بيت المال جو چنلو ڪيئن ڪجي."(36)

مهاتما گانڌي اپريل 1921ع کان آزاديءَ جي تحريڪ جي پرچار لاءِ سنڌ ۾ آيو ۽ ريل رستي دورو پئي ڪيائين. ان موقعي تي 27- اپريل تي سندس دادو ڏانهن سفر دوران سيد صاحب مهاتما سان سَن ريلوي اسٽيشن تي ملاقات ڪئي. اُن مختصر ملاقات ۾ مهاتما گانڌي سيد صاحب کي سادگي اختيار ڪرڻ، تحريڪ آزادي ۾ چندي ڏيڻ ۽ ڪاڌي پائڻ جي هدايت ڪئي. مهاتما جهڙي شخصيت سان ڪيل اُن ملاقات کان پوءِ سيد صاحب جي خلافت تحريڪ ۾ وڌيڪ دلچسپي پيدا ٿي، جنهنڪري پاڻ مهاتما جي حڪم زور شور جي پوئواري طور 19- مئي 1921ع کان کاڌي پائڻ ۽ قومي تحريڪ ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائون.

سيد صاحب ياران خلافت تحريڪ جي مختلف پروگرامن ۾ دلچسپي ونندو رهڻ کري، خلافت تحريڪ جي اڪثر معاملن ۾ ڪانئس سهڪار ورتو ويندو هو. ان سلسلي ۾ خلافت ڪاميٽي صوبہ سنڌ جي پريزيڊنٽ قاضي فضل الله ياران 13- آگسٽ 1921ع تي سيد صاحب کي لکيو ويو:

"اسان کي ڪراچي ضلعي جي خلافت ڪميٽيءَ جي ٺاهڻ جو خيال آهي، سو مهرباني ڪري اسان کي هن خط پهچڻ شرط اطلاع ڏيندا تہ اوهان جي شهر جي خلافت ڪميٽي جا ڪٿا ميمبر آهن ۽

اوهان جي ڪميٽيءَ کي نهئي گهٽا ڏينهن ٿيا آهن. مهرباني ڪري پنهنجي ڪميٽيءَ جي عهديدارن جي نالن کان واقف ڪندا ۽ اُتي اوهان جي شهر ۾ خلافت جي هلچل جو احوال به لکندا. ميمبرن بنائڻ جي سرجوشي سان ڪوشش ڪندا، چاڪاڻ جو اسان کي مرڪزي خلافت ڪميٽيءَ لاءِ هڪ ڪروڙ ميمبر بنائڻا آهن. مهرباني ڪري جواب جلد لکندا، چاڪاڻ جو اسان کي ضلع ڪاميٽيءَ جي جلد ناهڻ جو خيال آهي."(37)

مهاتما گانڌي سَن ريلوي اسٽيشن تي ڪيل ملاقات وقت سيد صاحب کي جا نصيحت ڪئي هئي، اُن تي عمل ڪرڻ جي سلسلي ۾ سيد صاحب لکي ٿو ته:

"ان وقت تائين سَن مان آڏاڻن جو رواج ختم ٿي چڪو هو، انڪري مهاتما جي حڪم جي تعميل ڪرڻ لاءِ ڪپهه وني سُٽ ڪَتائي، ڇَڇرن جي ڳوٺ مان ڪپڙو اُڻائي استعمال ڪرڻ شروع ڪيم، جو گهٽي وقت تائين پائيندو رهيس."(38)

نه رڳو ايترو جو سيد صاحب پاڻ "ڪاڌِي" پائڻ شروع ڪئي، پر پين ۾ به ذلچسپي پيدا ڪرائڻ لاءِ ڪن خاص موقعن تي "ڪاڌِي" پائي نماءُ پڻ ڪرڻ شروع ڪيائون، جنهن جو نمايان مثال سندس 15 آگسٽ 1921ع واري ڏائريءَ مان ملي ٿو، پاڻ لکي ٿو:

"عيدالبقر هئي. نماز تي سارو ڪاڌِيءَ جو ويس پَٽڪي سميت پائي ويس. ڪاڌِيءَ لاءِ چاهه پيدا ڪرڻ خاطر هيءَ نمائش ڪيل هئي. جيئن ته سڀ هٿ جي ڪَتيل ٻُلهي سُٽ جا ڪپڑا هئا، اِنڪري پَٽڪو نهايت وڏو ڏسڻ ۾ ٿي آيو."(39)

ان سلسلي ۾ پاڻ "سؤديشي تحريڪ" کي زور وڌائڻ لاءِ سؤديشي اسٽور قائم ڪرڻ ۽ خاص طور تي ڪاڌِيءَ کي عام ڪرڻ تي زور ڏينلو رهيو.

اڳ ذڪر ٿي آيو آهي ته سيد صاحب جي ننڍي عمر هڻڻ ڪري سندن خانداني ملڪيت "ڪورٽ آف وارڊس" ۾ هئي، جتان ڪين

گڏرمعاش لاءِ مقرره وظيفو ملندو هو. سيد صاحب پاران خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ سرڪار جو چوڻ نہ ڪرڻ ۽ مورڳو تحريڪ ۾ وڌيڪ تندهي ۽ جانفشاني ۽ جذبي سان حصي وٺڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو انگريزن طرفان سندن وظيفي واري ماهانہ ادائگي بند ڪئي ويئي. اُن مسئلي کي منهن ڏيڻ ۽ گڏرسفر لاءِ سيد صاحب "سڪرٽري جي مختيارڪار کان يڪسالي تي ڪچي جي زمين جو ٽُڪر گائڏچن جي ڳوٺ جي سامهون ڪنيو. اُنهيءَ جو جهنگ وڍائي آبادي هيٺ آندو."(40)

1922ع تائين مرڪزي خلافت تحريڪ جون سرگرميون مختلف سببن جي ڪري آهستہ آهستہ جهَڪيون ٿي چڪيون هيون ۽ سيد صاحب پڻ مقامي طور تي پنچاتي نظام رائج ڪرائڻ ۽ پراڻي زماني کان رائج فضول ڳالهين ختم ڪرائڻ جهڙن سماجي مسئلن ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺڻ سبب ان تحريڪ ۾ ڪو گهٽو بهرو ونندي نظر ڪونہ ٿو اچي، پر پوءِ بہ ترڪي خلافت جي حوالي سان ٿيل مختلف واقعن بابت سندس ردِعمل مان ان تي سندن نظر هئڻ وارو تاثر ملي ٿو، جهڙوڪ:

- "11- سيپٽمبر 1922ع وارن اخبارن ۾ ٽُرڪن جي 'سمرنا' فتح ڪرڻ جو احوال پڙهي، مسجد ۾ وڃي شڪرانا بجا آندائين ۽ منائي ورهايائين.

- 1- آڪٽوبر 1922ع وارين اخبارن ۾ ٽُرڪن جي 'ٿريس' ۽ 'قسطنطنيہ' فتح ڪرڻ واري خبر پڙهڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو."(41)

1923ع ۾ ترڪيءَ ۾ انقلاب آيو جنهن ۾ خلافت جو خاتمو آڻي سلطان اتاترڪ حڪومت جون واڳون سنياليون. ترڪيءَ ۾ آيل ان تبديليءَ سيد صاحب جي ذهن ۾ اهو احساس پيدا ڪيو تہ:

"مذهبي بنيادن واري حڪومت جا ڏينهن ختم ٿي ويا. قومي حڪومتون اُنهن جي جاءِ والاريندیون پيون وڃن."(42)

اهڙيءَ ريت جڏهن تُرڪن جديد زماني جي تقاضائن کي قوم پرستي اختيار ڪري خلافت ختم ڪري ڇڏي ته ساري دنيا جي مسلمان ملڪن مذهبي طريقئ حڪومت ٿرڪ ڪرڻ شروع ڪيو.

معلوم ائين ٿئي ٿو ته ترڪيءَ ۾ آيل تبديلي ۽ زندگيءَ جي پين سياسي ۽ سماجي مشغولين ۾ دلچسپي وٺڻ سبب سيد صاحب خلافت تحريڪ جي پوئين دور ۾ ڪو گهٽو بهرو ڪونہ پئي ورتو. پر پوءِ به رسمي طور خلافتي جلسن ۾ شريڪ ٿيندو رهندو هو. جيئن 2- جنوري 1924ع واري ڊائريءَ ۾ لکيو اٿس:

"صبح جو پير الهه يار شاهه وٽان ٽي پوءِ پير غلام مجدد سرهنديءَ جي پاڙي واري خلافت جي پبلڪ ميٽنگ ۾ تقريرون ٻڌي رات جو موٽي آياسون."(42)

خلافت تحريڪ واري اثر جهڪي ٿيڻ بعد سيد صاحب سنڌ جي سياسي مان سماجي برايون ختم ڪرڻ ۽ کين تعليم طرف راغب ڪرڻ لاءِ "انجمن سادات متياري" ۽ "انجمن سادات لکياري" قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۾ رُڌل نظر اچي ٿو. اهو سنڌن پهريون ڏاڪو هو. تنهن بعد سنڌ اندر پين سماجي ۽ سياسي ڪمن طرف متوجهه ٿيڻ لڳو. ان دوران 12- اپريل 1924ع تي علامه قاضي اسدالله شاهه حسيني ٽکڙ واري کيس هڪ خط ۾ لکيو:

"تُرڪن جي خلافت کي ختم ڪيو ويو آهي ته شريف مڪ انهيءَ ڪم لاءِ لائق نہ آهي جو اُنهيءَ انگريز سان شرڪت ڪري مسلماني طاقت کي ختم ڪرڻ ۾ ڪئي آهي. اوهان صرف سيد هئڻ ڪري ان لاءِ طرفداري نہ ڪريو."(43)

سيد صاحب علامه اسدالله شاهه ٽکڙائيءَ جي لکيل ان ياداشت هيٺان لکيو آهي ته:

"ڏسجي ٿو ته منهنجي ڪنهن اهڙي قسم جي لکيل خط جي جواب ۾ اهو خط لکيو اٿن."(44)

سبب ڪٽي ڪهڙا به هجن، پر اها حقيقت آهي ته آهستہ آهستہ ٿي سيد صاحب جي خلافت تحريڪ واري ان اسلامي تصور مان دلچسپي جهڪي ٿيندي ويئي ۽ پاڻ ٻين معاملن ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺڻ لڳو. ان ڳالهہ جو اندازو شيخ عبدالمجيد سنڌي صدر صوبہ سنڌ خلافت ڪاميٽي پاران لکيل هڪ خط ۽ سيد صاحب پاران لکيل جوابي خطن وارين جملي بازين مان ٿئي ٿو.

شيخ صاحب 2- جون 1926ع تي سيد صاحب کي لکيو:

"اسان صوبي سنڌ خلافت ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ سکر ۾ 12-13- جون تي رکي آهي ۽ مون سيني مسلمانن جي خيرخواهہ صاحبن کي اُن ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني آهي. مان نهايت مشڪور ٿيندس، جيڪڏهن اوهان صاحب ان ۾ شريڪ ٿي پنهنجي صلاح سان مشرف ڪندا."(46)

ان وقت تائين سيد صاحب جيئن ته پين ڪمن ۾ مشغول ٿي چڪو هو، انڪري شيخ صاحب کي جواب ۾ لکيائين:

"سن ۾ ٿيندڙ ڪانفرنس لاءِ اچو."

ان جي جواب ۾ شيخ صاحب لکيو:

"پهرين سکر واريءَ ڪانفرنس ۾ اچو، پوءِ چوندا ته سَن ۾ اچي سڳهندس."(47)

سيد صاحب انگريزن خلاف هلندڙ هر تحريڪ ۾ حصو ورتو مثلاً يونان قسطنطيہ تي حملو ڪيو ته ان خلاف سنڌ ۾ به جلسا جلوس ٿيا ۽ مذمت واريون قراردادون منظور ٿيون، انهن جلسن ۽ احتجاجي مظاهرن ۾ سيد صاحب پيش پيش رهيو.

هجرت تحريڪ شروع ٿي تڏهن، سيد صاحب ان ۾ به سرگرم نظر اچي ٿو، مختلف وقتن تي جيڪي چندا ٿيا انهن ۾ به سيد صاحب سرگرم رهيو.

اهڙي ريت ننڍي عمر کان خلافت تحريڪ ۾ حصو وٺڻ ڪري، سيد صاحب جي زندگيءَ ۾ مجموعي طور هيٺيون بنيادي تبديليون آيون، جن جو سندس سڄي زندگيءَ تي اثر رهيو.

- روزمرهه زندگيءَ ۾ سادگي اختيار ڪرڻ

- ڪيل ڳالهه تي ٻيهي رهڻ، ڏاڍ اڳيان نه جهڪڻ، مهاڏو اٽڪائڻ، پنهنجي محدود وسيلن سان به مقابلو جاري رکڻ

ترڪيءَ مان خلافت جي خاتمي کان پوءِ هندستان ائندر خلافت تحريڪ جو زور ختم ٿي ويو، پر پوءِ به خلافت جي نالي ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪي پروگرام ٿيندا هئا، پر اُنهن جو مکيه مقصد ترڪي خلافت واپس ورائڻ بجاءِ ملڪي سياسي ۽ سماجي مسئلن بابت غور ويچار ڪرڻ وڃي رهيو هو. اهڙن پروگرامن ۾ پڻ سيد صاحب جي شرڪت نظر اچي ٿي. سيد صاحب ان وقت تائين سَن جي پسگردائيءَ واري سماجي سرگرمين مان نڪري پهريان محال مانجهند ۽ پوءِ ضلع لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي حدن تائين پنهنجي عمل جو دائرو وسيع ڪري چڪو هو.

سيد صاحب 1924ع ۾ تعلقي لوڪلبورڊ جو صدر ۽ ضلع لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو نائب صدر چونڊجي ويو هو. اهڙن عهدن تي فائز ٿيڻ کان پوءِ سندن جدوجهد جو دائرو وسيع ٿيندو پئي ويو، پر پوءِ به سنڌ جي مختلف مسئلن بابت سوچ ويچار ڪرڻ جي سلسلي ۾ سنڌ خلافت ڪاميٽي جا جيڪي اجلاس ٿيندا پئي رهيا، اُنهن ۾ سرگرم عمل نظر اچي ٿو. اهڙو هڪ اجلاس 10- فيبروري 1931ع تي سڏايو ويو. اُن ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ واري تحريڪ لاءِ راهه هموار ڪرڻ ۽ نقطهٔ نظر جي پچار ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ سب ڪميٽي ناهي ويئي، جنهن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي، حاجي عبدالله هارون، محمد هاشم گذدر، سائين ميران محمد شاهه ۽ نورمحمد وڪيل سان گڏ سائين جي.ايم.سيد پڻ ميمبر طور نظر اچي ٿو.

حاشيه ۽ حوالا:

(1) ڏسجي فهرست چنده هلال احمر تاريخ 12- نومبر 1913ع، ص 60

(2) ڏسجي خلافت ۽ سمرنا فند جي آمدني جو تفصيل ۽ خرچ جو نقشو 1922ع، ص 10

(3) Kanshik P.D. The Congress Ideology and Programe, Bombay Allied Publishers, 1964, P.223

(4) Weekes R.V: Pakistan-Birth and Growth of a Muslim Nation, London, D.Van Nortrand Company 1964, P.77

(5) سيد جي.ايم: پنهنجي ڪهاڻي، پنهنجي زباني (پاڳو پهريون) ڇاپو ٽيون، (1998ع) جي.ايم.سيد اڪيڈمي سن، ص 29

(6) ساڳيو حوالو، ص 36

(7) ڏسجي سائين جي.ايم.سيد جي لائبريريءَ ۾ موجود قلمي تقرير (۽) خلافت ڪاميٽي فائيل.

(8) ساڳيو حوالو

(9) سيد جي.ايم: پنهنجي ڪهاڻي، پنهنجي زباني، ساڳيو حوالو، ص 37

(10) ڪورٽ آف وارڊس: لاوارث صغير پارڙن لاءِ اهڙو قانون، جنهن تحت انهن جي اباڻي ملڪيت سرڪار قبضي ۾ آڻي، مقاطعي تي ڏيئي، ان مان سندن گذرمعاش لاءِ ماهانه وظيفو مقرر ڪندي آهي. ان وقت تائين جيستائين صغير بار وڏو ٿي مال ملڪيت سنڀالڻ جهڙو ٿئي. سيد صاحب لاءِ اهو ڪم مرزا قليچ بيگ ڪرايو هو.

(11) سيد جي.ايم: پنهنجي ڪهاڻي، پنهنجي زباني، ساڳيو حوالو، ص 37

(12) ساڳيو حوالو

(13) ڏسجي سائين جي.ايم.سيد جي لائبريريءَ ۾ موجود قلمي تقرير

(14) سيد جي.ايم: پنهنجي ڪهاڻي، پنهنجي زباني، ص 37

(15) روزانه الوحيد ڪراچي 27- اپريل 1920ع، ص 4

(16-17) ڏسجي سيد صاحب جي لائبريريءَ ۾ موجود خلافت ڪاميٽي فائيل

(18) ڏسجي سيد صاحب جي ڊائري (قلمي) 17- مئي 1920ع.
(19) ڏسجي سيد صاحب جي لائبريريءَ ۾ موجود خلافت ڪاميٽي فائيل
(20-21-22) ساڳيو حوالو
(23) سيد جي.ايم: اڇ پڙ چڪير چاڪ (مرتب) 1977ع سنڌي ادبين جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ حيدرآباد، ص 189
(24) ساڳيو حوالو، ص 174
(25) ڏسجي بمبئي مرڪزي خلافت ڪميٽيءَ جي چوپڙي، ترڪ موالات نمبر1 جون 1920ع، ص 5
(26) ساڳيو حوالو، 10-11
(27-28-29) ڏسجي سيد صاحب جي لائبريريءَ ۾ موجود فائيل خلافت ڪاميٽي
(30) سيد جي.ايم: اڇ پڙ چڪير چاڪ، ساڳيو حوالو، ص 183
(31-32-33) ڏسجي سيد صاحب جي لائبريريءَ ۾ موجود خلافت ڪاميٽي فائيل
(34) Hanaji M.A.Muslim Role in Indo Pakistan (1964) Dacca, Ideal Library, P.29
(35-36-37) ڏسجي سيد صاحب جي لائبريريءَ ۾ موجود خلافت ڪاميٽي فائيل
(38) ڏسجي سيد صاحب جي لائبريري ۾ موجود ياداشتن جو ٻُڪ
(39) سيد جي.ايم: پنهنجي ڪهاڻي، پنهنجي زباني، ساڳيو حوالو، ص91
(40) ساڳيو جوالو ص 94
(41) ساڳيو حوالو ص 100
(42-43-44-45) ڏسجي سيد صاحب جي لائبريريءَ ۾ موجود ياداشتن جو ٻُڪ
(46) سيد جي، ايم اڇ پڙ چڪير چاڪ، ساڳيو حوالو ص 174.
(47) ڏسجي سيد صاحب جي لائبريري ۾ موجود ياداشتن جو ٻُڪ.



هڪ سان لکرايل تقريرن واري ڪتابڙي جو پهريون صفحو

جي ايم سيد جون تقريرون

هٿ سان لکرايل تقريرن واري ڪتابڙي جو آخري صفحو

بسم الله الرحمان الرحيم

(تقرير نمبر 1)

نحمده ونصلي علىٰ رسوله الكريم

سيني مسلمان پائرن کي جيڪي هن چگي موقعي تي گڏ ٿيا آهن، معلوم هجي ته، اسان کي خبر آهي ته اسان مسلمانن جو حال ڪجهه وقت کان ڏاڍو هو ۽ [هاڻ ڇا] جي مٿان پين مذهبن وارا حڪومت ڪندڙ هئا ۽ ڪن شهرن ۾ اڃان به ڪن ٿا. تنهن جو فقط اهو ئي سبب آهي ته اسان مسلمانن ۾ نه علم، نه پڌي، نه همدردي آهي. ۽ اوهان کي خبر آهي ته ٻيون قومون ڪهڙن سببن کري مسلمانن کان زور وڌي ويون آهن. اهو رڳو علم ۽ همدرديءَ جي ڪري. اسان هاڻ هي وجهه ڳولي ڪڍيو آهي جنهن جي مدد سان اسين سُڌري سگهون ٿا. اسان جا مسلمان پائر جيڪي وڏن شهرن ۾ رهن تا سي گهٽو ڪري پين قومن جي زير بار تا رهن سي به انهيءَ سبب کري، اهو سبب آهي "انجمن" جنهن کي هندو "پنچات" چون ٿا. اها هن وقت گهٽن شهرن ۾ پکڙجي ويئي آهي.

ان کان اسان جو ڳوٺ خالي آهي. اهو ئي اسان جي نه سڌرڻ جو سبب آهي. اها هن طرح ڪئي ويندي ته سڀ ڪنهن ماڻهوءَ تي سندس وصيعت آهر مهينو [چندو] مقرر ڪبو، جيئن هو ڏيئي سگهي ۽ شادي [جي موقعي] تي مقرر ڪيل نهراءُ [موجب] ڏينلو ۽ ڏڙ پنهنجو ڪبو، تن جي گڏ ڪرڻ لاءِ ۽ صلاح مصلحت ڪرڻ لاءِ چار يا پنج ميمبر مقرر ڪيا ويندا. جي اهي پئسا ونندا، انهن مان هرهڪ پاڻ وٽ هڪڙو ڪتابڙو رکنلو جنهن ۾ هو پئسن جو حساب رکندو جنهن کان مقرر ڪيل وقت تي اهو حساب وٺبو ۽ جيڪي به ننڍا ڪتاب ٿيندا سي وري هڪ وڏي ڪتاب ۾ داخل ڪبا، پوءِ جيڪي پئسا جمع ٿيندا سي هيٺين ڪمن ۾ خرچ ڪبا مثلاً:

ڪا مسجد شريف شهيد ٿي پوي ته ان لاءِ جو ڏار چندو ڪيو ويندو آهي تنهن ۾ وقت لڳندو آهي جنهن کري ڪم ۾ دير ٿيو وڃي، تنهن لاءِ يڪدم هنن رکيل پئسن مان ڪم آڻبا وغيره ۽

جيڪڏهن ڪنهن مسجد شريف جو هجره نهرائڻو هجي تہ ان کي پڻ نهرائجي، هي عيدگاهہ جيڪا آهي سا ٻين ملڪن ۾ ڏسجي ٿو تہ ان کي چوڌاري پٽ ڏنل ٿئي تي ۽ ان ۾ وڻ پوکيل ٿين ٿا، جنهن ڪري ڪنهن ڏينهن گرمي هجي تہ بہ نماز سولائي سان پڙهي سگهجي تي ۽ جي ڪو مسافر مري پوي تہ ان جي ڪفن وغيره جي لاءِ جو رلٽو پوي ٿو ۽ جيستائين ڪ پورائو ٿئي تيستائين جنازو پيو رهي ٿو انهيءَ لاءِ بہ هي پيسا ڪم آڻي سگهجن ٿا.

ڏسو تہ هتي ماڻهو بي علم آهن، جنهن ڪري ٻين مذهبن وارا زور وڌي ويا آهن، تنهن لاءِ هڪ مسلماني مدرسو وجهجي ۽ ان مدرسي ۾ جيڪي پڙهن انهن کي ڪتاب وغيره مفت ڏجن ۽ تعليم مفت ۽ زوري ڏني وجي تہ هوند مسلمان ستري پون اهڙا ڪيئي ڪم ڪري سگهجن ٿا جن مان دين ۽ دنيا جو فائدو آهي. اهي پئسا بنا ڪنهن [ڳڏيل] صلاح جي خرچ نہ ڪبا، بلڪ چار يا پنج ميمبر مقرر ڪيا ويندا انهن جي راءِ تي ڇڏيل آهي بلڪ سيني ماڻهن جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي، هاڻي مون کي وڌيڪ چوڻو نہ آهي اها ڳالهہ هن مثال سان لاڳو آهي.

ز اتفاق مگس شهد مي شود پيدا
خداچہ لذت در اتفاق نهاد

يعني ماکيءَ جي مکن جي اتفاق يعني ٻڌيءَ مان، جي تمام ننڍيون آهن، ماکي نهي تي جيڪڏهين اسين هيڏا سارا ماڻهو ڪوشش ڪنداسون تہ اسان مان ڪهڙي نہ مني ماکي نهندي جنهن مان هوند سڄو جهان فائدو وٺي. يک مشت نمونہ خروار يعني هڪڙي مٺ هزارن جو نمونو آهي. وڌيڪ چوڻ واجب نہ سمجهي هت هن احوال کي بس ٿا ڪريون.

خدا تعاليٰ ڪندو تہ اسين اهو [ساڳيو] طريقو اختيار ڪري ان مان فائدو وٺي، انهيءَ لاءِ سندس شڪر گذار رهون. آمين ثم آمين

(هي تقرير تاريخ 10 ذوالحج 1337هـ عيد ڏينهن انجمن برپا ڪرڻ لاءِ ڪئي وئي، جا منشي حاجيءَ کان پڙهائي وئي.)

بسم الله الرحمان الرحيم

(تقرير نمبر 2)

نحمده ونصلي علىٰ رسوله الكريم

سيني مسلمانن کي معلوم هجي تہ آءٌ هڪڙي ڳالهہ کان اوهان پائڙن، اسلام جي سچارن کي واقف ڪرڻ ڳهران ٿو جا انشاءَ الله تعاليٰ سيني کي پسند ايندي. اميد تہ اسين سيئي انهيءَ خير جي ڪم ۾ مدد ڪري پنهنجي واقفي ۽ ثواب حاصل ڪريون. اها ڳالهہ هي آهي تہ اسان سن ۽ آس پاس وارن مسلمانن کي ڪا بہ خبر نہ آهي، تہ اسلام جي خلاف پنيان چا ٿي گذريو آهي ۽ ترڪيءَ سان ڪهڙي حالت آهي ۽ ڪهڙي حالت ٿيٽي آهي، جو ترڪيءَ جو سلطان جيڪو حضرت مُحَـمَّدَ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو جاءِ نشيءَ خادم الحرمين آهي، تنهن سان اڄ اهڙي حالت ٿيٽي آهي جو خدا شل انهن [اهڙيون رڻون] رڻيندڙ ڪافرن کي اها حالت ڏيکاري.

پائرو -

هي وقت اسلام جي نهايت زوال جو آهي، جيڪڏهن اسين هن ڪم ۾ ڪا بہ ڪوشش نہ ڪنداسون، تہ اسلام کي وڏو نقصان رسڻو

آهي ۽ هنن ڳالهين بابت ماڻهن کي خواب خيال ۾ نہ آهي. ڏسجي پيو تہ چوڌاري ٻين ملکن ۾ انهيءَ ڳالهہ بابت کهڙا نہ جلسا ۽ ڪاميٽيون ۽ ڪوششون پيون ٿين، پر افسوس آهي تہ اسان جو ملک اهڙن اسلامي ڪمن کان ناواقف آهي. هاڻي اسان کي خيال آيو آهي تہ اسين سيئي مسلمان چنڊ ڪري هڪ جلسو يا خلافت ڪاميٽي ڪريون ۽ سيئي [اُن مسئلي کان] واقف ٿي اک ٻڌيون تہ ڇا ٿيو آهي ۽ ڇا ٿيندو. جنهن جو وڌيڪ احوال ٻاڻهي جلسي ۾ ٿيندو. انهيءَ لاءِ ٻاهريان وڌا پڙهيل ماڻهو تقريرن ڪرڻ لاءِ گهرائبا، جي اسان کي سپ [ڳالهہ کان] واقف ڪندا ۽ [مسئلا] ٻڌائيندا.

هاڻي توهان سيئي مسلمان هن ڪم ۾ تمام سرجوشيءَ سان مدد ڪري ان ڪم کي ڀهري ور ڪندا تہ انشاء الله تعاليٰ سپ فتح ٿيندي، جو اسان جو اهو ڪم اسلامي آهي.

انهيءَ ڪم جي چنڊي ونڻ لاءِ هڪ سيد ميان جمن شاهہ ۽ قاضي ميان الهرڪيہ ۽ ٻيا ۾ ڪم همت ڪم [ڪوشش] ڪندا انشاء الله تعاليٰ سنڌن اسلامي خدمت انهن کي فتحياب ڪندي.

آمين ثم آمين.

(هي تقرير جمع جي ڏينهن تاريخ 22 جمادالاولىٰ 1338هـ مطابق 13 فيبروري 1920ع جي خلافت ڪاميٽي سڏائڻ لاءِ ڪئي وئي هئي.)

بسم الله الرحمان الرحيم

(تقرير نمبر 3)

نحمده ونصلي علىٰ رسوله الكريم

اي برادران دين رسول مقبول صلي الله عليه وآله وسلم آءٌ هاڻي ڪجهه تورو احوال پنهنجي حاضر صاحبان جي خدمت شريف ۾ عرض گذار ڪندس. واجب آهي ته دل جي ڪنن ۽پيار جي خيال سان ٻڌي انهيءَ گذارش تي ذرا ڌيان ۽ غور ڏيئي پنهنجي خيالن ۾ جاءِ ڏيندا.

صاحبان، توهان کي واقف هجي ته هي جيڪي هلچل ۽ اسلامي مجلسون پئي ٿيون آهن سي چالاءِ هيون ۽ انهن مان نتيجو ڪهڙو نڪتو ۽ جيڪي دانهون ڪيون ويون سي ڪهڙي حد تي پهتيون. اهي هلچلون خاص چگي نيت سان مقامات مقدسه ۽ خليفة المسلمين جي لاءِ هيون ته مقامات مقدسه بين جي هٿ ۾ نه هئڻ گهرجن ۽ خليفة المسلمين جي هٿ ۾ مٿيان مقامات ۽ جيڪي جنگ کان اڳ ملڪ هٿ سي ڏنا ويڻ، اسان [هي ڪوششون] پنهنجو فرض ڄاڻي ڪيون آهن ۽ نه ان ڪم ۾ ڪنهن جو ڪو نفساني يا گهرو غرض آهي، پر خاص مٿين مراد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيون ويون آهن.

نتيجو چا نڪتو حاضرين، سرڪار رعيت کي خوش ڪرڻ لاءِ چا جواب ڏنو ۽ دانهون ڪيستائين پهچايون ويون؟ جواب جي توهان کي خبر هوندي ۽ اهي دانهون مدبران سرڪار تائين پهچايون ويون آهن، پر حاصل مطلب ته پاڻ کي هينئر ڪهڙي روش اختيار ڪرڻ گهرجي سا هي آهي ته اتفاق يعني ٻڌي کي وڌيڪ قائم ڪريون ۽ باقي جن جي دل تي مٽان نفاق جو پڙدو آهي سي لاهين ۽ همدردي جي رستي سان هلي پردي کي پري ڪري دنيا جي خواب خيالن جي فائدي کي ڇڏي آخرت جي فائدي جي مد نظر نمرودي ڳالهين کان پري ٿي هن بيت تي ڌيان ڏين:

چون پرسش گناهم روز حشر خواهد
تمهکات گناهارا، خلق يارا کنند.

يعني: قيامت ڏينهن پنهنجي گناهن جو پچاتو ٿيندو[انڪري] هڪ ٻئي سان ٻانهن ٻيلي ٿي ساڳي مطلب جي حاصل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ ڪوششون ڪريو.

پائرو:

توهان کي معلوم آهي ته اتفاق هڪ اهڙي نعمت الاهي آهي جنهن جي وسيلي انسان طرح طرح جا مقصد ۽ مطلب حاصل ڪري سگهي ٿو.

نقل آهي ته هڪ ماڻهو جڏهن مرڻ تي آيو تڏهين پنهنجن پٽن کي گهرايائين ۽ چيائين ته ڪاڪيون ڪٽي اچو، ڪٽي آيا، هڪ ڪاڪي هڪڙي پٽ کي ڏنائين ته پنج هو اها پنجي ويو، وري به گڏي ڏنائينس سي به پنجي ويو، پوءِ ٽي ڏنائينس سي تمام زور سان پڳائين، جڏهن هن گهٽيون [ڪاڪيون] گڏي ڏنس تڏهين هن چيو ته "بابا ٽي به تمام زور سان پڳيون آهن سو هي گهٽيون ڪيئن پيجي سگهندس، ڪنهن کي طاقت نه آهي جو ڪاڪيون پيجي."

تڏهين پيءُ چين، پٽڙئو ان ڳالهه کي دل ۾ جڳهه ڏيو ۽ ان تي دل و جان سان عمل ڪريو، جيترا پاڻ ۾ گهٽا اتفاق سان هوندؤ اوتري قدر توهان جو زور ۽ شان وڌندو، ماڻهن جي دل ۾ توهان جو دٻدٻو ٿيندو، اتفاق جي برڪت سان هميشه خوش رهندؤ ۽ اتفاق جي وسيلي ٻين تي غالب رهندؤ. اتفاق ڪارڻ راحت ۽ فتح جو آهي ۽ نفاق موجب ذلت ۽ خواري جو آهي، اتفاق ۾ جي جڳايون آهن، سي ڳاڻيٽي کان ٻاهر آهن، مثال آهي ته

ز اتفاق مگس شهد مي شود پيدا
خداچه لذت در اتفاق نفاد

پيارؤ پنهنجن اڳين احوالن کي غور سان ڏسندؤ ته

کل کو نہ تھے آج کیا ہوگئے تم
ابھی جاگتے تھے ابھی سوگئے تم

ادا پاڻ هڪ ٻئي جا پائر آهيون، پاڻ مان ڪنهن کي ايذاءُ ايندو [ان جو احساس] اسان سيني کي هٿ گهرجي. جيئن حديث شريف ۾ نه آيو آهي، صحيح مسلم ۾ نعمان ابن البشير کان زوايت آهي ته

قال قال رسول الله صلي الله عليه وسلم

تري المُؤمنين في تَوَادهِم وَ تَراحُمِهِم وتواد هم وتعاطفهم كمثل الجسد

اِذا اشْتكىٰ بَعْضُهُ تُدَاعيٰ اله سائرالجسد بالسهر والحُميٰ

يعني: مومن جو مثال ان جي دوستي ۽ مهرباني ۽ ۾ اهڙو آهي جهڙو بدن جي عضون ۾ درد هجي ۽ ٻيا عضوا بي آرامي ۽ خفگيءَ ۾ هجن.

يارو:

پست تي نہ وجو ۽ خدا مان اميد نہ لاهيو، مڙسي ڪريو ۽ هن آيت ڏي نهاري اميد کي وڌايو —آيت

وَهُوَ الَّذِي يُنَزِّلُ الغَيثَ مِن بَعدِ مَا قَنَطُوا ويَنشُرُ رَحمَتَه وَهُوَ الوَلِيُّ الحَمِيدُ (سورة شوريٰ آيت 28)

هاڻي همت مردان ڪري وري به پنهنجو فرض ادا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪيو، انشاء الله تعالىٰ تہ فتحياب ٿيندا سون.

آمين ثم آمين

اي پروردگار، اسان مسلمانن مان نفاق جي بيماري دور ڪر.

اي پروردگار، اسان کي اتفاق ۽ همدردي ۾ مسرور ڪر.

اي ذوالجلال، اسان مسلمانن کي اتفاق ۽ محبت ۾ ٻين قومن تي حڪم ڏي ۽ خير جي ڪم ۾ همت ۽ قوت بخش. اسان جي، اسلام کي بي اتفاقي، ڪينہ ۽ حسد ۾ ٻين قومن جو مطعون نہ ڪر انهن کي سگهہ ڏي ۽ پريشاني ۾ محزون نہ ڪر.

اي ڪريم، اسان جي اسلام جني پائرن کي ٻين قومن ۾ سرفراز ڪر. اي رحيم، اسان جي صاحبِ دين اسلام وارن کي تعليم ۽ تهذيب ۾ ممتاز رک.

آمين يا رب العالمين.

(هي تقرير تاريخ 25 جمادي الثاني 1338ھ مطابق 17 مارچ 1920ع جي خلاف ڪاميني، جيڪا سن ۾ تي هئي ان ۾ ناهيندڙ پڙهي ٻڌائي)

کیرتڑ ڪنال تي واقع جوٽيجا مسجد
جيڪا وڃ ڪنال ۾ آيل آهي.

پيغام علمُ
جهنڊي جي آمد وقت پڙهيل خطبو

[1927ع جي، قمري مهيني رمضان شريف ۾ ترڪي
سلطنت جي جهنڊي جي دادوءَ ۾ آمد ٿي، ان موقعي تي سيد
صاحب جو پڙهيل خطبو]

حضرات علماء ڪرام- و برادران اسلام

آءٌ لائق هن ڳالهه جو نہ هوس جو توهان جي آڏو ڪجهه عرض پيش ڪريان. مگر جانچي ڏنر تہ اهو وقت اڃي ويو آهي جو گونگن کي ڳالهائڻ ۽ پوڙن کي ٻٽڻ گهرجي. جنين کي پيرن ۾ هلڻ جي طاقت نہ هجي، انهن کي ٻہ هلڻ گهرجي، جو تہ اسلام پنهنجي هر پيروي ڪندڙ کان پنهنجي آخري خدمت گهري رهيو آهي:

بيا جامي رماكن شرمسارى،
ز صاف و درد پش آرانچہ دارى.

حضرات: ممبران استقباليہ ڪاميٽي دادو جي طرفان آءٌ اوهان سيني صاحبن ۽ 'عَلَمَ مبارک' جي هن دادو شهر ۾ تشريف آوري تي دلي مرحبا ڪيان ٿو ۽ مبارڪ ڏيان ٿو.

هي اسان سنڌ جي مسلمانن ۽ هند جي خوش قسمتي آهي- جو هي پاڪ مقدس 'عَلَمُ مبارک' وري پيو دفعو سنڌ يعني باب الاسلام ۾ داخل ٿيو آهي- اڳ هڪ دفعو محمد بن قاسم آندو هو- ۽ پيو دفعو وري اڄ توهان جي جانثاري ۽ حب ايمانيءَ جي ڪشش سبب هت آيو آهي- هن جو جيتري قدر شڪريو ادا ڪجي اوتري قدر گهٽ آهي-

صاحبان- اسان کي هرگز اها اميد نہ هئي- تہ اسان جي بن چئن آڻن جي قرباني تي، هيڏي عظيم الشان نوازش ۽ سرفرازي اسان غريب مسلمانن تي، حضرت خليفہ المسلمين کندو- هي اهڙي عظيم الشان نعمت آهي- جو اڄ تائين ڪنهن بادشاهہ کي بہ نصيب نہ ٿي آهي- غياث الدين بادشاهہ کي لقب ناصرالدين، جو حضرت خليفة المسلمين وٽان عنايت ٿيو- تہ چاليهہ ڏينهن برابر پنهنجي سر بادشاهيءَ ۾ خوشيءَ جا جلسا ڪيا هيائين.

عَلَمَ مبارڪ جو رمضان شريف ۾ اچڻ نيڪ فال آهي-

رمضان جي معني آهي- ڪَنڊُ. اهڙي طرح هي عَلَمُ مبارڪ غلاميءَ جي زنجيرن کي ڪٽڻ لاءِ هتي آيو آهي- رڻ ۽ وڇڙيلن کي پرچائي- فرقہ بنديءَ جو ٻج ڪڍي، هميشہ لاءِ صلح ڪندڙ. هي ساري دنيا کي آزاد ڪري هن آزاد توحيد جي جهنڊي هيٺان آڻيندڙ آهي.

جهڙي طرح [جهنڊو] پاڻ آزاد ۽ توحيد تي دلالت ڪندڙ بهشتي سبز وڳو ڍڪيو، خداوند ڪريم جي آڏو نياز سان سَر بسجُودُ آهي، اهڙي طرح اهو ساري دنيا لاءِ آزاديءَ جو پيغام آهي.

صاحبان: هي هڪ عجب جي ڳالهہ آهي. بلڪ اسلام جو هڪ زنده معجزو آهي، تہ جرمني چئن سالن اندر اهڙي تباهہ ۽ برباد ٿي ويئي، جو وري اڻڻ جي اميد منجهس نہ آهي. باوجود ايتري دولت ۽ سامانِ جنگ جي اهڙي ڪمزور ٿي وئي آهي، جو فرانس جي هڪ مُٺِ جيترن ماڻهن ڪنبائي ڇڏي آهي، مگر ترڪن تي چوڏهن سال لاڳيتا صليب پرستن جون گوليون مينهن وانگر وسيون پئي ۽ باوجود بي سَرُو ساماني جي- پنهنجي غيرت ۽ شجاعت سان اهڙو يورپ جو مقابلو ڪيائون جو اڄ سارو يورپ اُن احرارن جي تلوار جي تيزي کان ڪنبي رهيو آهي ۽ سندن آزادي جو عَلَمُ مبارڪ هرجاءِ بلڪ هت سامهون اسانِ وٽ بہ لهريون ڏئي رهيو آهي-

صاحبان: اسان جا هيترا مسلمان پائر، اسان جي شهرن ۽ ڳوٺن جا نمائندا، هيڏي وڏي تعداد ۾ باوجود تنگ وقت ۽ رمضان شريف جي

روزن سان [پوءِ برا] اچي گڏ ٿيا آهن- مگر جا محبت اسلام جي پيروي ڪندڙ پنهنجي مذهب سان رکن ٿا- تنهنجو هي جلسو ۽ عَلَمُ مبارڪ هڪ صاف ۽ ڪليل ثبوت آهي جيڪڏهن ڪو شخص ايجا بہ بهاناً چوي تہ هي شرارتون خلافت اسلامي جي برخلاف ٿيون آهن. تن مسلمانن ۾ ڪابہ بي چيني پئدا نہ ڪئي آهي تہ هي عظيم الشان ۽ با اثرُ عَلَمُ مبارڪ، اهڙي شخص جي، جو خود پاڻ کي دوکو ڏئي رهيو آهي، زبان بند ڪندو.

صاف کہہ دينا ہی مجھ کو ای گروہ دشمناں
ہی نہیں شخصی غرض مقصود جمع مومناں
آگیا ہی علم اب دیں اور مذہب کا یہاں
جان تک دینے کو ہیں جس کے لیے اسلامیاں
فرض ہی حفظِ خلافت مومنوں پر بالیقیں
کیوں کہ قائم ہی اسی سے آب روئے شرع دیں
اس پہ ہے اجماعِ اہل حق کوئی منکر نہیں
اس کے حامی ہی مسلماں تابنفس واپسین
زندگی مسلم کی ہی حق کی حمایت کے لیے
شمع ہے وہ ساری عالم کی ہدایت کے لئے
مومنو ہشیار ہو اب وقت غفلت کا نہیں
جاگنے کا وقت ہی اب خوابِ راحت کا نہیں
آنکھ کھولو اب زمانہ عیش و عشرت کا نہیں
جلد اُٹھو لو خبر اب وقت فرصت کا نہیں
کشتیءِ حق ہے اب طوفان حوادث تیری

امتحاں کا وقت ہے اور آزمائش کی گھڑی
دشمنوں نے ہر طرف سی ہم پہ نرغہ کردیا
اور مقاماتِ مقدس پر بھی حملہ کردیا
قبضہءِ اعدا سے اب دارالخلافہ جاچکا
ہاں مسلمانو اٹھو تکبیر کا وقت آگیا
ہے مجھے اُمید ہم ہوں گے یقیناً کامیاب
دشمنِ دیں جتنے ہیں ہوں گے سبھی خانہ خراب
نصرتِ حق بالیقین ہوگی ہماری ہم رکاب
بارگاہِ حق میں ہوں گی یہ دعائیں مستجاب
ناامیدی رحمتِ حق سے ہے ایماں کا قصور
کل نہیں سکتا ہے ہرگز وعدہءِ اتمامِ نور
گرچہ ہم تھوڑے ہیں اور دشمن ہمارے ہیں کثیر
ہم ہیں خالی ہاتھ اور دشمن ہیں سبھی باتیغ
پر نہیں غالب رہ سکتی با اھو القدیر
حامیِ حق ہم ہیں دست حق ہمارا دستگیر
نورِ حق شمع الٰہی کو بجھا سکتا ہے کون
جس کا حامی ہو خدا اس کو مٹا سکتا ہے کون
وجعل القمر فیھن نورا وجعل الشمس سراجا۔

الله تبارڪ و تعاليٰ آسمان ۾ چند به پئدا ڪيو جو هڪ نور آهي ۽ سج به پئدا ڪيو جو هڪ روشن مشعل آهي انهيءَ مثال ۽ اشتراڪ تشبيهه مان مقصود هي آهي تہ اسلامي عَلَمَ جي دعوت به هن آفتاب

مادي جي طرح هڪ آفتاب روحاني آهي جڏهن سج اپرندو آهي تہ انجي روشني ۽ گرمي پري اوري ۾ ڪو فرق نہ هوندو آهي ۽ اها هڪ جهڙي هوندي آهي. بعينہ اهو حال هن آفتاب دعوت الهيٰ نور نبوت جي عام فيض جو ٿيو گويا سير تي هليو مگر فاران[1] جي چوٽي تي ظاهر ٿيو سڄي پاسي شريعت الاهي جو نور ۽ ڪتاب مبين تہ ڪڍي طرف عدل قائم ڪرڻ لاءِ تراز جوهردار چمڪي تي جنهن جو ظاهر ٿيڻ جهان ۾ ظلم ۽ اونداهي ڪي شڪست ۽ روشني ۽ روشني عدل جي دائمي فتح، جو تہ آسمان هدايت تي شريعت الاهي جا سئو ستارا ظاهر ٿيا مگر اونداهي جي آخري شڪست لاءِ دنيا کي سج جي اپرڻ جو انتظار ٿيو اهڙي طرح مقامي عرض معروض ريزوليوشن گهٽائي پاس ٿيا مگر آخري فيصلي لاءِ هي عَلَمُ مبارڪ هت آيو

وَاللَّيلِ إِذَا يَغشَىٰ وَالنَّهارِ اِذَا تَجَلّٰى وَمَا خَلَقَ الذَّكَرَ وَالاُنثٰى

قسم آهي رات جو، جا سين جهان جي شين کي اونداهي ۾ ڍڪي تي، قسم آهي ڏينهن روشن جو، جا سج جي روشني تمام شين کي ظاهر ڪري تي، دراصل ان خالق جو قسم جنهن پيدايش جهان لاءِ نر ۽ مادي جوڙو وٺيلو پيدا ڪيو. ان توحيد جي سج اپرڻ، تفريق ۽ جدا ٿيڻ جي تمنورين اونداهين کي مٽائي ڇڏيو.

ان هٰذِهِ اُمتكم امة واحدة وانا ربكم فاتقون

بيشڪ تنهنجي جماعت هڪ امت آهي ۽ آءٌ هڪ، توهان جو رب آهيان.

اي برادرانِ ملت، هي اسلام جي اها عالمگير پائپي ۽ دعوت اسلام جي اها دعوت تي جنهن زمين جي دور دراز جاين کي هڪ ڪري ڇڏيو. اسلام ريگستان جي زمين تي ظهور ڪيو مگر صحراء آفريقہ ۾ ان جي پڪار بلند تي انجي دعوت جبل بوقبيس جي گهٽن ۾ اُٿي مگر ديوارِ چين کان صداءِ اشهد ان الا الله بلند تي. تاريخ جي نظر ۾ جڏهن دجد ۽ فرات جي ڪناري تي پيروانِ اسلام جا نقش قدم

---

[1] موسيٰ عليه السلام سان وابسطہ هڪ جبل جو نالو.

جميا هئا، عين انوقت گنگا ۽ جمنا جي ڪناري تي هزارها هٿ خداءِ واحد جي اڳيان سڙ بسجود هئڻ لاءِ وضو ڪري رهيا هئا. اهي تمام دنيا جون مختلف قومون زمين جي دور دراز ڪُنڊن ۽ شهرن واريون آبادين گويا هڪ گهرجا ياتي ۽ عزيزها جن کي شيطان رجيم جي تفرقہ اندازن ۾ هڪ بي کان الڳ ڪري ڇڏيو. ليڪن خداءِ رحيم جا لکِ لکِ شڪرَ جوان صدين جي وڇڙيل دلن کي هڪ دائمي صلح جي ذريعي وري هڪ جڳهہ جمع ڪري ڇڏيو. ۽انهن جي دين رُڻلن کي اهڙي طرح هڪ ٻئي سان ملائي ڇڏيو جو تمام اڳيان پويان قصور ۽ شڪايتون هليون ويون ۽ هڪ ٻئي جا پائر ۽ رنج راحت ۾ شريڪ ٿي پيا.

اهڙي طرح ڪنهن زماني کان اسين ساري دنيا جا مسلمان هڪ ٻي جيڻ خبر گيري کان غافل ۽ ڏک سک کان پاسي پيا هياسون مگر يورپ جا احسان مند آهيون. جو ان اسلام جي فداين بلڪ خود اسلام سان عداوت رکي. اسان سيني کي خبردار ڪري وسريل نعمت وري ياد ڏياري. اسلام جو اتحاد قائم ڪيو.

واذكروا نعمة الله عليكم اذكُنتُم اعداء فالف بين قلوبكم فاصبحتم بنعمته اخوانا.

هي برادري خدا جي قائم ڪيل برادري آهي هر انسان جنهن ڪلمون لااله الاالله جو آواز بلند ڪيو بمجرد اقرار سان اسلامي برادري ۾ شامل ٿيو مصري هجي خواه نائيجيريا جو وحشي هجي خواه قسطنطنيہ جو تعليم يافتہ ترڪ خواه انگورا جو مجاهد غازي هجي هن خاندانِ توحيد جو عضوو آهي جن جو گهراٽون ڪنهن خاص وطن يا جاءِ سان تعلق نٿو رکي. بلڪ تمام دنيا انجو وطن ۽ تمام قومون انجون عزيز آهن.

چين و عرب همارا هندوستان همارا
مسلم ہيں هم وطن ہے سارا جهان همارا

دنيا جا سارا لاڳاپا ٽٽي سگهن ٿا. مگر هي اسلامي اخوت جو لاڳاپو هرگز ڪڏهن ٽٽڻ وارو نه آهي. ممڪن آهي جو پيءُ پٽ سان رسي، بعيد نه آهي جو ماءُ فرزند پنهنجي هنج مان جدا ڪري ته ڪري سگهي ٿي ۽ هڪ پاءُ ٻئي پاءُ جو دشمن ٿي پوي. اهو به ممڪن آهي جو دنيا جا سارا واعدا ۽ دوستيون ٽٽي وڃن مگر جو اسلامي لاڳاپو هڪ چين جي مسلمان جو افريقہ جي مسلمان سان آهي هڪ عرب جي بدوي جو تاتار جي مسلمان سان آهي هڪ سنڌي مسلمان جو لاڳاپو انگورا جي مجاهد احرار سان ڳنڍيل آهي. دنيا ۾ ڪا به طاقت نه آهي جو ان کي ٽوڙي ۽ ان زنجير کي ڪاٽي سگهي. جنهن رشتي کي خدا پاڪ پنهنجي هٿن سان اسلامي دلين کي هميشہ لاءِ جڪڙي ڇڏيو آهي پوءِ اي برادران اسلام اي باقي ماڻهو ڪندڙ قافلہ اسلام جيڪڏهن اهو سچ آهي ته دنيا جي ڪنهن گوشہ ۾ پيروان اسلام جي سرن مٿي تلوار چمڪي رهي آهي، ته تعجب آهي جو ان جو زخم اسين پنهنجي دلين ۾ نه ڏسون. جيڪڏهن هن آسمان جي هيٺان ڪنهن به هڪ مسلمان پيروي ڪندڙ توحيد جو لاشو تڙپي رهيو آهي ته لعنت آهي ان ستن ڪڙوڙن حياتين تي جنين جي دلين ۾ تڙپ نه هجي. جيڪڏهن موراقو ۾ هڪ حامي وطن جي سسي ڏڙ ڪان جدا ڪئي وئي آهي. ۽ رت جو قوهارو ڇني رهيو آهي. ته اسان کي چا ٿيو آهي. جو اسان جي وات مان دل ۽ جگر جا ٽڪرا نه ڪرن. ايران ۾ جيڪڏهين توحيد پرستن جون گردنون سوريءَ مٿي لٽڪي رهيون هيون. جن کان آخري ساعت ۾ ساهہ نڪرڻ محل اشهدان لا اله الا الله جو آواز نڪري رهيو هو. ته اسان تي الله ۽ ان جي ملائڪن جي ڦٽڪار رهجي جو ان جو نيشان پنهنجي پنهنجي گردنن تي محسوس نه ڪريون. مگر اڄ طرابلس بلقان سمرنا ٽريس جي ميدانن تي ڪلمئ توحيد جي حافظن جي مٿن ۽ سينن تي صليب پرستن جون گوليون مينهن وانگر وسي رهيون آهن ۽ طرحين طرحين مصائب ۽ تڪليفن سان منهن ڏئي رهيا آهن. ته اسين الله ۽ ان جي ملائڪ ۽ رسول الله

صلي الله عليہ وسلم جي آڏو ملعون هونداسون. جيڪڏهين پنهنجي اندر هڪ لمحہ جي لاءِ بہ راحت ۽ آرام محسوس ڪريون. آءٌ چا چئي رهيو آهيان. حالانڪ اسلام جي روح جو هڪ ذرو بہ ان جي پيروي ڪندڙن ۾ جيڪڏهن باقي آهي تہ مونکي چوڻ گهرجي. تہ جيڪڏهن ميدانِ جنگ ۾ ڪنهن بہ ترڪ جي پير جي تريءَ ۾ هڪ ڪنڊو چپي وڃي. تہ قسم آهي خدا ۽ اسلام جو، ڪوبہ هندستان ۽ سنڌ جو مسلمان، سچو مسلمان نٿو ٿي سگهي. جيستائين ان چيڙ جو اثر پنهنجي دل ۾ محسوس نہ ڪري. جو تہ ملت اسلام هڪ جسم واحد آهي مسلمان خواهہ ڪٿي بہ هجن. ان جسم اسلامي جا عضوا آهن. جيڪڏهن هٿ جي ڪنهن بہ آنگر ۾ ڪنڊو چپي تہ جيستائين اها آگر ڪپجي هٿ کان الڳ نہ ٿي آهي تيستائين ممڪن نہ آهي جو ان ايذاءَ جي صدمي کان بيخبر رهي، هي جو ڪجهہ آئون چئي رهيو آهيان محض اظهار مطلب جو زور بيان نہ آهي بلڪ عين ترجمو آهي ان مشهورحديث جو جنهن جي امام احمد مسلم نعمان بن بشير کان روايت ڪئي آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم فرمايو مثل المؤمنين.

ترجمو: مسلمانن جو مثال هن طرح آهي. جو هڪ ٻئي سان دوستي، رحم محبت ۽ همدردي ۾ اهڙا آهن جهڙو هڪ جسم واحد جيڪڏهن ان جسم جي ڪنهن بہ عضوي ۾ ڪابہ شڪايت پيدا ٿئي ٿي تہ سارو جسم تڪليف ۾ شريڪ ٿي وڃي ٿو. ۽ ان حديث شريف جي هڪ معنيٰ ٻي اها حديث آهي جنهن جي ابو موسيٰ شعري روايت ڪئي آهي. هڪ مومن ٻي مومن جي لاءِ اهڙو آهي جو ڪنهن پٽ جُون سرون جيئن هڪ سِرَ ٻي سِرَ کي پشتي ۽ مدد ڏيئي ٿي. حقيقت ۾ اها خصوصيت مسلمانن لاءِ هڪ اولين ۽ اشرف خصوصيت آهي. جنهن جي طرف قرآن ڪريم پنهنجي جامع ۽ مانع لفظن ۾ اشارو ڪيو آهي. اشداء علي الڪفار رحماء بينهم ڪافرن جي لاءِ نهايت سخت. مگر پاڻ ۾ نهايت نرم ۽ همدرد. ان ۾ جيتري قدر باطل ۽

ڪفر لاءِ سختي آهي اوتري قدر ان ۾ اسلام لاءِ محبت ۽ پاڻ ۾ الفت، حق ۽ توحيد لاءِ پيار آهي. فاعتبروا يا ايها المسلمون ولا تكونوا كا لذين قالوا سمعنا وهم لايسمعون-

جامع اسلامي يا پين اسلام ازم

جيستائين اسلام دين ۾ موجود آهي. هي اخوت اسلامي ۽ وحدت به موجود آهي. مگر يورپ جديد وسيع شيطاني ان کي ڪنهن مجهول الحال حديث العهد اسلامي اتحاد کي سياست سان تعبير ڪري ٿو. يورپ کي اسلامي اتحاد هڪ خون فشان هلال جي صورت ۾ نظر اچي ٿو. هي اهو تصور ڪري پاڻ کي ڪنبندو ۽ لرزندو ڏسي ٿو. ته جيڪڏهن ساري دنيا جا چاليهه ڪروڙ مسلمان اٿي ڪڙا ٿيا ۽ تلوارون يڪا يڪ مياڻن مان سرڙي ڪيبائون ۽ عيسائين کان گذريل چئن سو سالن جو مسيحي خون ريزي ۽ ظلم جو حساب ڪتاب ورتو ويو. خنوه فغلوه ثم الجهيم صلوه- ونو ان کي، پوءِ ڳٽ وجهو ان کي، پوءِ دوزخ ۾ داخل ڪريو ان کي. انهن نعرن سان ساري دنيا جي وڻن تي صليب پرستن جا لاشا ان جي خداء مصلوب جي لاش وانگر لٽڪايا ويا، اهو اتحاد خواب جو ڏسي سارو يورپ ڪنبي وڃي ٿو. ان اتحاد اسلامي جي پائمال ڪرڻ لاءِ يورپ هڪ اوزار تيار ڪيو آهي. جنهن جو نالو "مسلمِ مشرقي" رکيو اٿن.

پر حضرات يقين ڪندا ته "پين اسلام ازم" يا اتحاد اسلامي جو فرضي خطرو جنهن مخفي غرض سان دنيا جي سامهون آندو وڃي ٿو. تمام ٿورا مسلمان آهن جن جي نظر ان جي حقيقي علت تي پوي ٿي. ان خطري جي اعلان تي برٽيت ۽ احتياط جي ڪوشش بلڪل بي فائدي آهي. ڇو ته ان جو بنياد جهل تي آهي. يعني "مسئلہ مشرقي" جو- بلڪ هڪ نهايت سخت ابليسانہ حڪمت عملي آهي خود يورپ کان پڇندا ته "مسلمِ مشرقي" جي حقيقت ڇا آهي. "فما كان جوابهم فهوجوابنا" يورپ ۾ خليفة المسلمين جو عروج ۽ ترقي ان جابر ۽ غاصب حڪومتن جي اکين ۾ ڪنڊي جيان چپيو ٿي. ان مسيحي

بگهيڙن جي وچ ۾ خليفة المسلمين گويا ٻنهين ڌرڻن جي وچ ۾. مثل زبان جي هو تاهر پنهنجا اسلامي فرائض جوانمردي ۽ همت سان هلائيندو رهيو. مگر انهن دوست نما دشمنن نه سندو اڙڻهن سو ستهتر 1877ع کان سلسلو شروع ڪيائون. مصر جهڙو زرخيز ملڪ جزيره قبرص، طرابلس، سالونيڪا، يونان، بلغيريا، سروبيا، البانيا وغيره خليفتہ المسلمين جا علاقا هڪ ٻئي پٺيان انهن ظالمن جو، جوءِ زيب ٿي ويا. وڌن وڌن لقمن کي اهڙي طرح ڪڙڪائي هضم ڪري ڇڏيائون جو اوگرائي به ظاهر نه ڪيائون.

ڪوئي شخص ان ڳالهه جو انڪار نه ڪري سگهندو ته 50 سالن کان يورپ جي مڙني مسيحي طاقتن گڏجي هڪ متفق حڪمت عملي ناهي اڻن ۽ ان جي نالو مشرقي مسئلو يا مشرق جو آخري فيصلو رکيو اڻن. مشرقي مسئلي جي حقيقت ان کان سواءِ ڪجهه نه آهي. ته اسلام جي باقي بچيل سياسي حصن جو بتدريج خاتمون ڪري ڇڏجي. يا صاف لفظن ۾ ته، دنيا جو ڪوبه ياگو اسلام جي زير اثر رهجي ويو هجي. تنهن کي يورپ جون حڪومتون هڪ جيترو برابر تقسيم ڪري ڇڏين. هي هڪ اهڙي حقيقت اظهر من الشمس في نصف النهار آهي. يعني جنهن شخص ڪم از ڪم گذشته ڏهن پارهن ورهن تائين وارن واقعن کان اکيون بند نه ڪيون هونديون. اهو بغير وڌيڪ بصيرت جي ان کي ڏسي سگهي ٿو. پوءِ جيڪڏهن اهو سچ آهي ته هڪ خنجر، اسلام جي قلب ۾ هڻڻ لاءِ تڪو ڪيو وڃي. ٿو. ته ڪهڙو عجب آهي. ته اسين ڪنهن ڍال جي تياري ۾ مصروف نه ٿيون. اسلام ڍال آهي حقيقي اتحاد، دفاع ۽ بچاءَ جي.

جيڪڏهن خدا پرستيءَ سان مسيح پرستيءَ جي دشمني قديم آهي ۽ اها ڪا نئين مسيحي سازش نه آهي ته توحيد جي پيروڪارن جو دفاعي حملو مشرڪن سان ڪهڙي عجب جي ڳالهه آهي. مگر اهو يورپ جي خوني چهري جو عڪس آهي جو عالم اسلام جي آئيني ۾ نظر اچي ٿو. انجي بچڻ لاءِ اتحاد اخوت ۾ ڪائي سازش نه آهي.

يورپ خوب چاڻي ٿو ته مسلم مشرقي جي حڪمت عمليءَ لاءِ جيڪڏهن ڪوئي بچاءُ اسلام جي پاسي آهي ته صرف حقيقي اتحاد اسلامي آهي تمام دنيا جي مسلمانن جو متفق هجڻ آهي، جو پنهنجي قديمي قيادت ۽ شرف جو محفوظ رکڻ.

اسلامي زندگي جي آخري انساني تلوار صرف ترڪن جي هٿ ۾ آهي پر هڪ غريب ترڪي حڪومت جنهن جي قيمتي اجزائن تي مسيحي مشين گهمائي وڃي ٿي، مسيحي اتحاد جو ڪيئن مقابلو ڪري سگهندي. البته جيڪڏهن 40 ڪروڙ مسلمان هن هلال جي هيٺيان جمع ٿي وڃن ته پوءِ اُها هڪ اڪري قوت آهي جو سؤ سڪندر ۽ هزار هنين بال برطانيه سميت جيڪڏهن ملي مقابلو ڪن ته نه ڪري سگهندا.

ڪاش جيڪڏهن اسان ۾ پين اسلام ازم يعني اتحاد اسلامي هجي ها ته چا ممڪن هو ته ان جي سامهون ايران تي قيامت گذري ها. مراڪوجو خاتمو ٿي وڃي ها. طرابلس، ٽريس، سمرنا ۾ مسلمانن جا لاشا تڙپن ها ۽ اسان جي قلبن ۾ ڪا حقيقي جنبش پيدا نه ٿئي مون کي پڏائيندا ته ڪيترن هندستانين جي دلين ۾ زخم ٿيا ۽ ڪيترن کي جگر ۾ درد ٿيو. ڪاش افسوس مسلمان پين اسلام ازم جي مقصد کان غافل ٿي ويا آهن. صاحبان اسلام روز اول فوجي خدمت. اتحادِ اسلامي جي دعوت ڏني. واعتصموا بحبل الله جميعا ولاتفرقوا خدا جي دين جي رسي کي ملي ونو ۽ پاڻ ۾ متفق ٿي وجو. الله تعاليٰ جل و عليٰ شانه رسول الله صلي الله عليه وسلم کي حڪم فرمائي ٿو ته مومنن کي فوجي خدمت يعني جهاد لاءِ تيار ڪر. يا ايها النبي حرض المؤمنين علي القتال عالم الغيب" الاسرار. کي هي معلوم هو ته آخري زماني ۾ مسلمانن جي سموري زندگي سستي، بدعملي ۽ جبر ۽ نامردي جي تصوير هوندي. جهاد في سبيل الله کان بچڻ لاءِ طرحين طرحين حيلا ناهي نفس خادع جي فريب ۾ مبتلا ٿي ويندا ۽ قتال في سبيل الحق والحريت ڇڏي ڏيندا. ان واسطي سورة توبه ۾

انجي هڪ هڪ عنر کي بيان ڪيو ويو. ۽ هر هڪ حقيقت پٽري ڪري ڏني وئي، ۽ پڌايو ويو ته توهان ڪنهن بہ طرح ان ضروري ۽ مقدم فرض کان نہ ڇڻي سگهندا. اها فوجي خدمت هر مسلم مرد عورت امير غريب بادشاھ فقير پير آقا غلام تي فرض آهي. ڪنهن هڪ کي بہ فوجي خدمت کان ڇوٽڪارو نہ آهي.

(1) مخالفين ومعاندين اسلام پنهنجي مجموعي قوت سان اسلامي حڪومتن کي تاراج ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي. مسلمانن جا سمورا شهر تباھ ۽ برباد ٿي رهيا آهن. انديشو آهي ته حميت مذهبيءَ جي مقابلي لاءِ مسلمان اٿي نہ سگهن. دين جا، دشمن فوراً پنهنجي ڪوڙن وعدن جو اعلان ڪري ڏين ٿا. ته فرزندانِ اسلام جي سيني حقن جي حفاظت ۽ نگهباني ڪئي ويندي. انهن جي پاڪ جاين جو احترام ڪيو ويندو ۽ انهن جي مذهبي ۽ سياسيٰ معاملن ۾ ڪنهن قسم جي مداخلت روا نہ رکي ويندي. اهڙيون دل فريب ڳالهيون ٻڌي اڪثر حيلہ جو طبيعتون "امن سيائين" جهڙيون فريادون ڪرڻ لڳن ٿيون، ته اهڙن ماڻهن سان جنگ ڪرڻ ۽ قطع تعلقات ڪرڻ، ازحد بيوقوفي ۽ ناداني آهي. هي ته ملائڪن جي وصف آهن. قرآن حڪيم فرمائي ٿو. ته انهن جي وعدن تي اعتماد ڪرڻ سراسر جهل ۽ ناداني آهي. اهي ڪڏهن بہ پنهنجا وعدا پورا نہ ڪندا. "ماڪان للمشرڪين ان يعمروا مساجد الله شاهدين علي انفسهم بالڪفر."

مشرڪن کي ڪوئي حق نہ آهي، جو جل الله جل وعليٰ شانہ جون مسجدیون آباد رکن ۽ پنهنجن مٿي ڪفر جي شاهدي ڏين.

2- فوجي خدمت کان بچڻ جو عنر

مسلمان پنهنجن گهرن ۾ نيڪ ڪم ڪن ٿا. علماء ڪرام قرآن شريف ۽ حديث جي درس ۾ مصروف آهن. صوفيہ ڪرام يعني پيرن جي جماعت. پنهنجي خانگاهن ۾ الله الله جل و علي شانه جا نعرا هڻي ٿي. ته تذڪيہ نفس حاصل ٿئي. هزارها بلڪ لکين انسان آهن جو ان کان پنهنجي تشنگي دور ڪري سيراب ٿي، پنهنجن گهرن ۾ اچن

ٿا. اهي ماڻهو اهي نيڪ عمل ڏيکاري جهاد في سبيل الله کان عذر وارين ٿا. پر الله تبارڪ و تعليٰ ان بدبختانِ ملت کي ظالم فرمائي ٿو. "اجعلتم سقاية الحاج و عمارة المسجد الحرام كمن آمن بالله واليوم الأخر وجاهد في سبيل الله لايستوون عند الله و الله لايهدي القوم الظالمين" چا اوهان حاجين کي پاڻي پيارڻ ۽ خانہ ڪعبہ کي آباد رکڻ ان شخص جي خدمت جهڙو سمجهو جو الله ۽ روز آخرت تي ايمان رکي ۽ الله جي رستي ۾ جهاد ٿو ڪري. الله جي نزديڪ ته اُهي برابر نہ آهن. الله ظالم ماڻهن کي سڌي راه نٿو ڏيکاري گهٽا خدا جا نيڪ بندا آهن، جن جي منهن تي نماز جو نور ۽ الله جي ذڪر جي روشني چمڪي رهي آهي پر جڏهن انهن کي چيو ويو ته خدا جي واسطي جلد اُٿو. هن امت مرحوم کي ڪفارن جي ظلم واري چنبي کان بچايو. ته انهن جي دلين تي سخت خوف ۽ هراس مسلط ٿي ويو ٿو. خوفِ خدا نہ! بلڪ چند ناپاڪ هستين جو (خوف) ۽ ان جي سامان ضرب ۽ حزب جو! حالانڪ انهن کي ته سڀ کان زياده ڇاڻڻ گهربو هو ته خوف ڪائڻ جي قابل جيڪڏهن ڪاشئي آهي ته، اهو خدا جو غضب ۽ ان جو قهارانہ بدلو ونڻ آهي ۽ دنيا جا قليل سامان خدا جي رحمت ۽ ان جي انعامن جي مقابلي ۾ ڪا حقيقت نٿا رکن، اهڙي قسم جي مضمون جي طرف حق تعاليٰ شانه پنهنجي قرآن ۾ فرمايو آهي. الم ترالي الذين قيل لهم كفوا ايديكم واقيموا الصلوة وأتوا الزكواة فلما كتب عليهم القتال اذا فريق منهم يخشون الناس كخشية الله او اشدخشية وقالوا ربنا لم كتبت علينا القتال لولا اخرتنا الىٰ اجل قريب قل متاع الدنيا قليل والا خرة خير لمن اتقي ولا تظلمون فتيلا اينما تكونوا يد رككم الموت ولوكنتم في بروج مشيدة

چا تو انهن ماڻهن جي طرف نہ ڏٺو، جنين کي چيو ويو ته پنهنجن هٿن کي روکيو ۽ نماز پڙهندا رهو ۽ زڪواة ادا ڪندا رهو. پوءِ جڏهن انهن تي جهاد فرض ڪيو ويو ته انهن مان يڪائڪ هڪ فريق، ماڻهن کان خدا جي برابر بلڪ خدا کان بہ وڌيڪ ڊڄندي، چوڻ لڳا ته

اي پرودگار اسان جا، اسان تي تو جهاد جو فرض ڪيو ۽ جو نہ اسان کي ٿوري دير پي مهلت ڏنئي ۽ چئو تہ دنيا جو فائدو ٿورو آهي ۽ آخرت ان شخص لاءِ پلي آهي، جنهن تقويٰ اختيار ڪئي. توهان تي هڪ ڏاڪي جيترو بہ ظلم نہ ٿيندو. ڪٿي بہ توهان هوندؤ تہ موت توهان کي پهچندو. توڙي جو مضبوط ڪوٽن ۾ هوندؤ. افتؤ منون ببعض الكتاب و تكفرون ببعض فما جزاء من يفعل ذالك منكم الا خزي في الحيوة الدنيا ويوم القيامة يردون الىٰ اشد العذاب.

حضرت عبدالله بن المبارڪ سال کي چئن حصن ۾ تقسيم ڪندو هو. 3 مهينا تجارت، 3 مهينا درس حديث، 3 مهينا حج بيت الله، 3 مهينا جهاد في سبيل الله، ان صحابي سڳوري حضرت فضيل بن عياض کي خط موڪليو جو حضرت فضيل بيت الله ۾ معتڪف هو ۽ حضرت عبدالله مصروفِ جهاد. ان خط جو هڪ شعر هي آهي يا عابد الحرمين لوابصرتنا لعلمت انك بالعبادة تلعب حضرت فضيل روئي ڏنون ۽ فرمايائين تہ ابو عبدالرحمان سچ تو چئي.

4- فوجي خدمت کان دنياوي ضرورتون جهڙوڪ ماء پيءُ جي محبت مائٽن جي خبر گيري، مسڪينن ۽ غريبن جي مدد، زمين ۽ جائداد جي حفاظت، انهن مان هڪ شي بہ فوجي خدمت کان بچائي نٿي سگهي. قل ان كان آبائكم وابنائكم واخوانكم وازواجكم و عشير تكم واموالن. اقترفتموها و تجارة تخشون كسادها ومساكن ترضونها احَبَ اليكم مِن الله و رسوله و جهاد في سبيله فتر بصواحتي ياتي الله بامره والله لايهدي القوم الفاسقين.

5- فوجي خدمت کان مائٽن جي ٿورائي، سامان جو نہ هجڻ ۽ ظاهري ڪمزوري سببان جهاد ترڪ نٿو ٿي سگهي. لقد نصركم الله في مواطن كثيرة يومَ حنين اذ اعجبَتكُم كثرتكم فلم تغن عنكم شيئًا وضاقت عليكم الارض بمارحبت ثم وليتم مدبرين.

6- تاجرانہ تعلقات ۽ نوڪري جي لاڳاپي سببان، ڪنهن بہ قوم سان جنگ کي ملتوي نٿو ڪري سگهجي ۽ اهو خيال نٿو ڪري

سگهجي. تہ قطع تعلقات ڪري آمدني جا تمام ذريعا بند ٿي ويندا. يااٰيها الذين امنوا انما المشرڪون نجس فلايقربوالمسجد الحرام بعد عامهم هذا و ان خفتم علية فسوف يُغنيُكمُ اللّٰه من فضله ان شاء

پوءِ انهن مڙني آيتن واضح ڪري ڏنو تہ جيستائين اکين ۾ ديد آهي ۽ ڪن ٻڌي سگهي ٿو نڪ سنگهي سگهي ٿو، زبان ۾ ڳالهائڻ جي قوت، هٿن ۾ پڪڙڻ جي طاقت ، پيرن ۾ هلڻ جي قابليت آهي تہ هر هڪ مسلمان جو فرض آهي تہ فوجي خدمت جي تياري ڪري. حديثن شريفن انهن آيتن کي ٻاڻ زياده ڪولي ڇڏيو. رسول اللّٰه ﷺ فرمايو آهي. "والذي نفسي بيده لوددت ان اقتل في سبيل اللّٰه ثم احي ثم اقتل ثم احيي ثم اقتل" .

نہ مسجد میں نہ بیت اللہ کے سایہ میں،
نمازے عشق ادا ہوتی ہے تلواروں کے سایہ میں۔

ٻي حديث ۾ آهي: "رباط يوم في سبيل اللّٰه خير من الدنيا ومافيها" جنهن شخص جهاد لاءِ هڪ ذرو ب ارادو نہ ڪيو، ۽ انهيءَ حالت ۾ مري ويو، ان جي بنسبت رسول اللّٰه فرمايو تہ اهو منافق جي موت مئو. "من مات ولم يغز ولم يغز ولم يحدث نفسه مات علي شعبة من نفاق"

صاحبان آڳ ڪوفتنہ فساد جو طالب نہ آهيان. بلڪ اصلاح، آزاديءَ، اتحاد جو (طالب آهيان)، اسلامي جهاد جا ٻي قسم آهي. جهاد مال، جهاد زبان، جهاد جان، ۽ هن وقت فقط آڳ توهان کان قولِ حق جي درخواست ڪريان ٿو. جو اهو شجاعت جو اعليٰ ترين ميدان آهي. آڳ فقط اتحاد ڪلمہ حق جو طالب آهيان. جو اهو افضل جهاد آهي. "لن ينال اللّٰه لحومهاولادمائها ولكن يناله التقويٰ منكم قال النبي صلي اللّٰه عليه وسلم احب الجهاد الي اللّٰه كلمة حق يقال لامام جائر رواه احمد والطبراني" ٻي حديث ۾ آهي: "افضل جهاد كلمة حق عند سلطان جائر احمد ابن ماجه والطبراني والبيهقي" ٽين حديث ۾ آهي: "افضل اعظم الجهاد كلمة حق عند سلطان جائر" هي ڪهڙي نہ عالم ڪير غلطي آهي

تہ اسلامي جهاد کي صرف جنگ ۽ قتال تائين محدود سمجهيو وڃي ٿو. حالانڪ صحيح ترمذي ۽ سنن ابن ماجہ جون جيڪي حديثون متي بيان ڪري آيس ان مان صاف معلوم ٿئي ٿو تہ جهاد مقدس صرف ان ڪوشش ۽ جهد صالح جو نالو آهي. جو ايثار- جان نثاري سان گڏ حق جي واٽ ۽ صداقت ۾ ظاهر هجي ان جو سپ کان وڏو ميدان امربه المعروف ۽ دعوت حق ۽ عدل آهي. رسول الله ﷺ فرمايو "افضل الجهاد کلمتہ حق عند سلطان جائر" سپ کان وڏيڪ افضل جهاد اهو آهي، جو هڪ ظالم ۽ ناانصاف دشمن، بادشاهہ ۽ حڪومت جي سامهون حق ۽ عدل جو بي خوف اظهار ڪيو وڃي. اِن حديث مان ثابت ٿيو (تہ) سچو مجاهد اهو سچو انسان آهي جو انساني قوتن ۽ هيبتن کان نہ ڊڄي بلڪ کلمہ حق ٻڌائڻ لاءِ مقابلي واسطي اٿي بيهي ۽ خدا جي صداقت، عدالت ۽ محبت جو اهڙو اثر پاڻ ۾ پئدا ڪري جو ڪنهن انسان جي خوف ۽ هيبت جي پرواهہ نہ ڪري. بلڪ حريت اسلامي لاءِ تادم حياتي جان ۽ مال صرف ڪندو رهي ۽ هن موجوده آزادي واري هلچل واسطي رسول الله ﷺ خاص ڪري هندوستان ۽ سنڌ جي آزادي واسطي فرمايو اٿن. "وازان جمله غزوه هند است ابوهريرةؓ گفتہ وعدہ کرد مرا رسول خدا ﷺ غزوه هند را پس اگر دريابم آنرا صرف کنم دران جان و مال خود پس اگر کشته شوم افضل شهداء باشم و اگر برگردم پس منم ابوهريره محرر اخرجہ النسائي ولفظ احمد آن ڪہ فرمود خليل من ﷺ ڪہ باشد دراين امت بعث بسوئي هند و سند اگر دريافته آنرا و شهيد شد م پس اين شهادت ست واگر برگشته پس هستم ابوهريره محرر ڪہ آزاد ڪرد مرا خداءِ تعاليٰ از آتش دوزخ وثوبان ازان حضرت رسول الله ﷺ روايت کرده ڪہ فرمود دوگروه ست ازامت من ڪہ نگاهداشته ست آن هر دورا خداءِ تعاليٰ از آتش دوزخ، گروهي ڪہ غذا کند در هند وگروهي ديگر ڪہ باشد همراهہ عيسيٰ بن مريم اخرجہ النسائي في کتاب الجهاد في ذکر غزوة الهند و اخرجہ احمد مثلہ في السند از کتاب حج الڪرام في آثار القيام از علامہ نواب صديق حسن خان."

صاحبان وقت اچي ويو آهيٰ تہ اڄ وري اسلام پنهنجي هر فرزند کان ان حڪر جي تعميل جو مطالبو ڪري ٿو يعني آزادي ۽ امر بالمعروف ۽ ڪلمہ حق جو.

آزاديءَ وطن جي اهميت رسول الله ﷺ مڪي کان مدينہ طرف جڏهن هجرت فرمائي. صحيح حديثن ۾ آهي تہ هلڻ وقت ڪعبہ شريف جي طرف خطاب ڪري فرمايائون تہ اي سرزمين مڪہ مون کي تمام پياري آهين توکان جدا نہ ٿيا هان جيڪڏهن تنهنجا فرزند مون کي جدا نہ ڪن ها تہ رسول الله ﷺ جو اهو جملو واضح مثال آهي. 8 هجري ۾ مڪي جي فتح ٿي، انهيءَ فتح ۽ صلح حديبيہ مقدمہ فتح کي خدا تعليٰ فتح مبين سان تعبير فرمايو ان اهر واقعي لاءِ سورة فتح نصر کوثر هي ٽمام صورتون نازل ٿيون. قرآن شريف ۾ ڪنهن هڪ واقعي لاءِ زماني نبوت ۾ ايتريون مستقل صورتون نہ آيون آهن. انَ مان اندازو ڪندا تہ وطن جي آزادي، خدا جي نزديڪ ڪيتري قدر اهر ۽ ضروري آهي. سوراج يعني آزاديءَ جو حاصل ڪرڻ تمام نعمت آهي حجت الوداع ۾ جو تاريخ اسلام جو هڪ مشهور واقعو آهي عرفہ جي روز هي آيت نازل ٿي. "اليوم اكملت لكم دينكم و اتممت عليكم نعمتي" يعني مون توهان جي لاءِ دين کي مڪمل ڪيو ۽ سموري پنهنجي نعمت توتي پوري ڪئي. دين جي تڪميل تہ ظاهر آهي پر ان ڏينهن خصوصيت سان تمام نعمت سواءِ هن جي ٻيو ڇا آهي، جو اها فتح مڪي شريف جي آهي. رسول الله ﷺ جي وطن شريف جي آزادي جا هڪ عظيم شان نعمت آهي. انبياءِ عليہ السلام پنهنجي هدايت ۾ ۽ الله تبارڪ وتعليٰ پنهنجي نعمتن جي شمار ۾ سپ کان مقدم آزاديءَ کي ڪيو آهي. "واذ قال مومني لقومہ لقوم ياقومِ اذكرونعمة الله عليكم اذا انجاكم من آل فرعون" خدا جي ان نعمت کي ياد ڪيو جڏهن ان توهان کي فرعون جي قوم کان آزادي ڏني سورة بقر ۾ آهي "يا بني اسرائيل اذكروا نعمتي اللتي انعمت عليكم" اي بني اسرائيل منهنجي ان نعمت کي ياد ڪريو جو مون

توهان کي ڏئي خدا جل شانه اُن قوم کي فرعون جي مصيبتن کان نجات ڏني ۽ غلاميءَ کان ڇڏايو ۽ ان زمين جو حاڪم بنايو آزادي خدا جو احسان عظيم آهي، غلامي بعد کنهن قوم جي آزادي جهڙي طرح خدا جي هڪ عظيم نعمت آهي اهڙي طرح خدا جي احسانن مان به هڪ وڏو احسان آهي. خدا جون نعمتون ته بي شمار آهن مگر قرآن شريف ۾ بهترين نعمتون شمار ڪرڻ وقت خدا تعاليٰ لفظ من يعني اسانجو استعمال فرمايو آهي مثلاً آنحضرت ﷺ جي موڪلڻ تي لقدمنّ الله علي المومنين ۽ غلامي بعد آزاديءَ تي خدا تعليٰ فرمائي ٿو: "وَنريدُ اَنْ مُنَّ عَلَي الذينَ استُضعِفُوا فِي الارض وَنجعَلَهُم اَئِمةً وَنَجعَلَهُمُ الوارثين."

"اسين ارادو ٿا ڪريون ته ضعيفن تي احسان ڪريون ته انهن کي زمين جي حڪومت ڏيون ۽ انهن کي پيشوا بنايون ۽ انهن کي زمين جو وارث بنايون."

آزاديءَ جي تحريڪ هڪ پيغمبراڻ عمل آهي محڪوم قوم جي آزادي ايتري قدر مذهبن ۾ عزيز آهي جو جڏهن محڪوم قوم ڏي نبي موڪليو ويو ته پهريان ان تي اهو ڪم رکيو ويو ته پنهنجي قوم کي آزاد ڪرائي. اسان جا اڳوجهه مسلمان سوراج کي هڪ غير ضروري شئي سمجهن ٿا ۽ سوراج لفظ کان ڌڻ ٿا ته مذهب پيو آهي ۽ سياست پي آهي. مايحڪمون. ان بدبختانِ ملت کي اها تميز نه آهي ته حضرت موسيٰ عليه السلام کي الله تعاليٰ معجزا قاهره ۽ بشارات عظيم ڏئي فرعون ڏي موڪليو. فرعون مشرڪ به آهي ۽ شرابي به آهي، بدڪار به آهي ۽ فاسق فاجر به آهي غرض اهو سڀ ڪجهه آهي جو دنيا جو هڪ سياهڪار شرير شيطان ۽ ظالم انسان هجي [ٿو] حضرت موسيٰ عليه سلام هڪ پيغمبر برحق توحيد الاهي، رد شرڪ ۽ اهتمام پرستي، تزڪيه نفس ۽ اخلاق ڪندڙ درس ڪتاب ۽ حڪمت ان جي فرائض نبوة جو حقيقي ارڪان، ان جو مخاطب هڪ مشرڪ فاجر بادشاهه ۽ هڪ مشرڪ فاجر حڪمرانِ قوم.

جيڪڏهن سياست ۽ دين الڳ الڳ جدا جدا هجي ها جهڙي طرح ڇهل جي ابليس توهان کي سمجهايو آهي، جيڪڏهن هڪ قوم کي غلاميءَ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ هڪ غير ديني عمل، ديني عمل آهي جهڙي طرح توهان کي خام خيال آهي، تہ ضروري هو، تہ حضرت موسيٰ جي دعوت ۽ تبليغ ان کان عليحده هجي ها. جنهن جو نالو سياست يا سوراج آهي. اهو پيغمبر اچي ٿو ۽ سڀ ڪجهہ ڳهري ٿو مگر اهو نہ ٿو ڳهري جو نہ دين، نہ پيغمبرانہ دعوت جو ڪو جزو. مگر قرآن حڪيم توهان جي سامهون آهي خدا عزوجل تہ فرعون کي توحيد جي دعوت ڏني ۽ نہ شراب جي بولتن ڇڏڻ جي ۽ ان جي سياهہ ڪارن جي ڇڏڻ جي، مگر حضرت موسيٰ عليہ السلام کي ان دعوت جو صرف هڪ مقصد بڌائي روانو فرمايو ۽ رخصت ڏني اذهب الیٰ فرعون انہ طغیٰ فرعون جي طرف وڃ ڇو تہ اهو وڏو سرڪش ۽ ظالم ٿي پيو آهي حضرت موسيٰ عليہ السلام ان جي طرف آيو هن کان سواءِ ڪجهہ نہ چيائين "ان ادُم اليُ عِباد الله اني انكم رسول امين. خدا جي بندن کي يعني بني اسرائيلن کي مون کي موڪلائي ڏي. جن کي تو محڪوم بنائي رکيو آهي آءٌ تو وٽ هڪ امانت رسول ٿي آيو آهيان، پي آيت ۾ آهي "قد جئتكم ببينة من ربّكم فارسل" معنيٰ بني اسرائيل مون تواڳيان واضح دليل پيش ڪيا. هاڻي بني اسرائيلن کي آزاد ڪر.

توهان غور فرمائيندا تہ حضرت موسيٰ پنهنجي تبليغ جو مقصد فرعون جي آڏو اهو نہ ظاهر ڪيو تہ ڪو فسق فجور ڇڏي ڏي. شرارت کان باز آءٌ نيڪ زندگي اختيار ڪر بلڪ اولين مطالبو هي ڪيو. تہ خدا جي بندن کي پيرن ۾ تو پنهنجي محڪومي ۽ غلامي جا زنجير وجهي ڇڏيا آهن. انهن کي ڇڏي ڏي ۽ مون کي واپس ڏي- خداوند ڪريم ان قوم جو مون کي امين ڪري موڪليو آهي. ان جي بلڊين کي آءٌ آزادي ڏيارينڊس محڪوميءَ جي جاءِ تي هڪ حڪمران قوم بنائيندس خدا جا بندا خدا جي امانت آهن. تون ظالم شرير ان

امانت جو حقدار نہ آهين هي شرف الله مونکي عطا فرمايو آهي آءٌ ان امانت کي پورو پورو ادا ڪندس ۽ پاڻ وٽ رکندس هي مطالبو اگرچ مختصر لفظن ۾ ڪيو ويو آهي مگر حقيقت ۾ سياست سوراج جو مغز ۽ سياست سوراج جو حقيقي تفسير آهي. آزاديءَ جو نور آهي. مٿي معلوم ٿيو ته قومي آزادي انبياء عليہ السلام جو پهريون ڪم آهي هاڻي ڏسوتہ خدا ان ڪم کي ڪيڏي نہ عظمت ڏئي ٿو. "ولَقَد آرسلنا موسي ابا يتنا ان اخرج قومَک من الظلمٰت الي النور" اسان موسيٰ عليہ السلام کي پنهنجون نشانيون ڏئي موڪليو ته پنهنجي قوم کي اونداهي کان ڪڍي روشنيءَ جي طرف وٺي وڃي. غلامي اوندا هي آهي ۽ آزادي روشني، آزادي جي لاءِ واعده الاهي. انت هي مجبوري ۽ مظلومي جي وقت خدا عزوجل رسول الله ﷺ جن کي تسلي لاءِ ۽ تسڪين لاءِ هي لفظ فرمائي ٿو..... ولسوفَ يعملک ربک فترضي اها وجهڙائي عطيي جي جنهن جي خدا تعليٰ بشارت ڏني آهي مڪي جي فتح کان سواءِ بي ڪهڙي شئي آهي ۽ ٻيو ڇا ٿي سگهي ٿو. ظالم جي چنبي، ظُلم کان ڇٽڻ لاءِ خدا نبين کي فرمائي ٿو. "ثم صدقنا هم الوعد فانجيناهم" مون پنهنجي وعدن کي سچو ڪري ڏيکاريو ۽ انهن کي چوٽڪارو ڏنم. آزاديءَ جا سچا خواب، آزاديءَ جو زمانو ويجهو ٿيندو ويندو آهي ۽ غلاميءَ جي زندگي پوري ٿيڻ تي ايندي ته امت جا اڪابر خدا جي طرفان سچا خواب ڏسندا آهن. حضرت نبي ڪريم ﷺ کي فتح مڪي جي ويجهو ٿيڻ تي اهڙي طرح خواب نظر آيا.

"لقدصدق الله رسوله الرُّؤيَا بالحق لَتَد خُلَنَّ المسجد الحرام" ان خواب جو قصو حديث ۾ تفصيل وار آهي. وطن جي آزادي تمام ڪلفتون مٽائي ڇڏيندي آهي آزادي کان اڳ غلاميءَ ۾ طرح طرح جون مصيبتون سامهون ايندیون آهن. حوصلا تنگ ٿيندا آهن همتون ٽٽي ويندیون آهن. اهڙي طرح آزاديءَ بعد نظم و نسق جوڙڻ ۽ اصلاح، قيامِ امن اهڙي طرح سَوَ انتظامي تڪليفون پيش ايندیون

آهن. ليڪن نفس آزادي جي خوشي ۾ اهي اڳيون پويون ڪلفتون متجي ويندیون آهن. "انا فتحنالک فتحاً مبينا ليغفرلک الله ماتقدم مِن ذنبک وماتاٴخر" اسان توکي ڪُلي فتح ڏني. تاڪ تنهنجا اڳيان پويان وبال متجي وڃن.

ڏنب جي اصلي معنيٰ وبال آهي يعني بار آزاديءَ جي لاءِ بيعت - بيعت الرضوان جنهن جو بنياد حضرت عثمانؓ جي قيد هجڻ وقت رکيو ويو، جنهنجو وڏو مقصد سندس رهائي چوڻڪارو ۽ بوقت ضرورت آزاديءَ وطن جي لاءِ جان جي قرباني. الله تعاليٰ ان جي متعلق فرمايو: "ان الذين يُبا يعونک انما يبايعون الله" آزاديءَ جي لاءِ امام جي هٿِ بيعت ڪرڻ گويا خدا جي هٿِ بيعت ڪرڻ آهي. آزاديءَ لاءِ فنڊ جمع ڪرڻ سي الله جي واٽ ۾ شمار ڪيا ويندا. "ومالکم لا تنفقوا في سبيل الله ولله ميراث المسوات والارضِ لايستوي منکم مّن انفقَ من قبل الفتح وقاتل اولٰئک اعظم درجةً من الذين انفقوا من بعد و قاتلوا" آزادي جي لاءِ دعا مغفرت عبادت آهي صحيح حديث ۾ آهي ته مظلوم جي دعا جي لاءِ خدا جي آڏو ڪو پردو نہ آهي انبياء عليہ السلام آزادي لاءِ دعائون ڪهريون آهن. "وَنَجِّنَا من القوم الظالمين" آزادي ڪمزور هٿن سان حاصل ٿيندي آهي. جي قومون ڪمزور ۽ حقير سمجهيون ويندیون آهن خدا انهن جي هٿن سان آزادي ڏياريندو آهي ۽ ارباب قوت جو غرور ۽ طاقتور هٿ ٽوڙيندو آهي." وَنرِيدان نَّمُنَّ علي الذين اُستضعفوا في الارض ونجلعهم ائمة ونجعلهم الوارثين وَنُري فرعون وهامان وجنودهما مِنهم مَا كانوا يحذرُون" آزادي لاءِ اسلام، يادگار اسلام، سال ۾ هڪ پيرو قرباني [جي] رسم جاري ڪئي ۽ اُن سان گڏ عيد الاضحيٰ جي نماز واجب ڪئي آهي. اهي بئي شيون مڪي جي آزاديءَ جون يادگار آهن. "انا اعطيناک الکوثر" ڪوثر مان مراد فتح مڪي ڏي اشارو آهي. ابو سعود ڪوثر جي تفسير ۾ عام سرداري فلاح وارن جي لکي آهي. اهڙي طرح آزادي دين دنيا جو چوڻڪارو ۽ خدا جو رضامندو آهي "ولقد کتبنا

في الزبور من بعد الذكر أنّ الارض يرثها عبادي الصالحون وَعَدَاللّٰه الذين آمنوا منكم و عملوا الصالحت لِستخلفنهم في الأرض."

چلے گا دور کب تک اہل باطل کے مظالم کا
رہے گی صیدگاہِ کفریوں خیر الامم کب تک
رہے گا کب تلک پوشیدہ یوں سوز نہاں بن کر
جلادے خرمنِ اعدا کو اب شعلہ فشاں بن کر
نگاہِ بدہے یورپ کی ترے قصرِ حکومت پر
بہم کردے چمن کو اسکی برق قہرمان بن کر
بہت لکھے مضامیں تونے اخباروں میں بڑھ بڑھ کر
بہت کیں تونے تقریریں بھی مرتا پا زباں بن کر
مگر اب وقت آیا ہے کہ دکھلا قوتِ ایماں
حریفوں کے دلوں کو توڑ دے نوک اسناں بن کر
جمادی پنجہء فولاد ایمان روَ ظالم پر
کچل دے دشمنوں کی ہڈیاں گرزِ گراں بن کر
ہر ایک بچہ کی ٹھون میں علم ہو عظمت دین کا
ہر ایک پیر کہن بھی اب نکل آئی جواں بن کر
اگر مرناہی تجھکو تو مرباطل سکن ہوکر
اجل بھی تجھ کو آوی توحیاتِ جاوداں بن کر

جان بجانان ده وگرنه از تولبتا ندا جل
خود تو منصف باش ای دل این کن یایان کن

زندهه جيسين هڪ به هوندو مؤمن باليقين،
عرب مان هڪ جُو نه ڏيندا سون اسين، سرزمين
آهه مارڻ لاءِ جي، اسان جي تياري سرگرم،
اول ماري علو کي پوءِ مرندا سون اسين.

مسلمانو ياد رکو ٻين جون جانيون انهن جي قبضي ۾ هجن ته ٻلي هجن، مگر اسان مسلمانن جون جانيون اسان جي اختيار ۾ نه آهن. اسلام هڪ خريد و فروخت آهي. جو ناقص کان وڌي ٿو ۽ ڪامل کي ڏئي ٿو. فنا کي خريد ڪري ٿو ۽ بقا، هميشه جي زندگي ان جي قيمت [طور] ڏئي ٿو. اسان جنهن وقت اقرار ڪيو ته اسين مسلمان آهيون. ان وقت ان جو به اقرار ڪيو ته اسان جون جانيون اسلام جي هٿ وڪامي ويون.

اسلام جي معنيٰ آهي خدا واحد جي اڳيان پنهنجا ڪنڌ جهڪائي ڏيڻ، پوءِ اهو خدا واحد آهي جانيون دوستن جي هنج ۾ وجهي، خواه دشمنن جي تيغ جي سپرد ڪري ڇڏي. ڇا توهان کي معلوم نه آهي ته جڏهن حضرت ابراهيم حڪم الاهي جي آڏو سِرُ جهڪائي ڏنو ۽ حضرت اسماعيل جي گردن قربان ڪيڻ واري هئي ته ان وقت الله فرمايو: "فلما اسلماوتله للجبين، ونادياه ان يا ابراهيم قد صدقت الرُّؤيا انا كذالک نجزي المحسنين."

جڏهن ته اُهي ٻئي مسلمان هئا. حضرت ابراهيم حضرت اسماعيل کي پيشانيءَ ۾ ڪيرايو. جيئن ذبح ڪري، ته اسان سڏي چيو، "اي ابراهيم بس ڪر تو پنهنجو خواب پورو ڪري ڏيکاريو.

و آخر دعوانا ان الحمدلله رب العالمين
الله اكبر الله اكبر

بئريج جي ضد ۾ آيل مسجدون ۽ خلافت ڪاميٽي

[سائين جي. ايم. سيد، سنڌ خلافت ڪاميٽيءَ جو سرگرم ميمبر هو ۽ ڪاميٽيءَ جي فيصلن ۾، هر طرح سان حصو وٺندو هو. 1925ع کان جڏهن سکر بئريج جي کاپي ۽ ساڃي پاسي وارن واهن جي کوٽائي شروع ٿي، تڏهن اتفاق سان کوٽجندڙ واهن واري رستي ۾ ڪٿي ڪٿي ڳوڙ پڻ آيا ٿي، جنهن ڪري انهن ڳوڻن جون مسجدون پڻ سرڪار شهيد ڪرائي، واهن کي رستو ڏنو پئي. جيتوٽيڪ سرڪار ماڻهن جي گهرن وانگر مسجدن جو متبادل پڻ ڏنو پئي، پر اها ڳالهه خلافت ڪاميٽي کي منظور نه هئي. انڪري "1929ع ۾ خلافت ڪاميٽي مسجدن جي حصول لاءِ ستياگرهه ڪرڻ لاءِ ارادو ڪيو." (تاريخ سکر ص 361)

بئريج جي ضد ۾ هيٺيون ٽي مسجدون پئي آيون

1. مسجد جوٽيجا، نزديڪ امروٽ تعلقو ڪڙهي ياسين (ڪيرٽر ڪٽنال)
2. مسجد ڪلواڙي، رڪ جي پرسان تعلقو ڪڙهي ياسين
3. مسجد ابيجاٽي، تعلقو روهڙي، (امام انقلاب مولانا تاج محمود امروٽي ص94)

مسجدن جي تحفظ واري مقصد سان خلافت ڪاميٽيءَ جو هڪ اهم اجلاس ٽيو. جنهن ۾ مسجدن جي تحفظ لاءِ ستياگرهه واري عمل کي تيز ڪرڻ وارو فيصلو ڪيو ويو. ان موقعي تي جناب جي. ايم. سيد هيٺيون اختلافي نوٽ پيش ڪيو، جنهن منجهان سندن روشن خيالي جو اظهار ٽيڻ سان گڏوگڏ جماعتي فيصلن تي پابند رهڻ واري رجحان جي پڻ خبر پوي ٿي.]

"آزاد قاضي"

صاحبا- جيئن ته خلافت ڪاميٽيءَ ۾ مونکي منهنجي پائرن، پنهنجا رايا بنا ڪنهن حجاب جي ظاهر ڪرڻ جي اجازت ڏني، [ان ڪشاده دليءَ منهنجي دل تي ڏاڍو عمدو اثر ڪيو] جنهن تي مون نهراءُ جي برخلاف پنهنجي آزادانه راءِ جو اظهار ڪيو. پر جناب شيخ عبدالمجيد صاحب ته مونکي پنهنجي راءِ کي ڪليو اخبارن رستي

ظاهر ڪرڻ لاءِ به صلاح ڏني. ليڪن مون سنڌ اندر ماڻهن جي راين ۽ خيالن کي نظر ۾ رکندي، اها ڳالهه پسند نه ڪئي ته ڪو آڳ پنهنجي صاف نيت سان آزاد راءِ هوندي به، سنڌ ۾ پنهنجي برخلاف هروپرو غلط فهمي يا عام سخت مذهبي ماڻهن جي دلين مان پنهنجي حسن ظني گهٽ ڪريان ۽ وري ملڪ ۾ بحث مباحثا ۽ فتوائن جا انبار جاري ڪرائي ڇڏيان. ڇو ته ملڪي ۽ قومي خدمت جو اصول اهو نه آهي ته نفاق ۽ ڪنراڳ پکڙجي پر حتي الامڪان ڇگن ڪمن ۾ شمار ۽ شريڪ ٿجي. جيڪڏهن ائين نه ٿي سگهي ته بمصداق "سدا بخير تو اميد نيت شرمرسا" نه بنجي. مٿين سببن ڪري مون پنهنجي مخالف راءِ، عام پبلڪ اڳيان آڻڻ وقت جي مصلحت ڏسي روڪي ڇڏي. ليڪن اڄ وري اوچتو خيال آيو ائٿر ته جڏهن اسانجو ملڪ ۽ قوم ترقيءَ جي رستي ۾ وڌي رهيو آهي ۽ ان ۾ هرهڪ خادم سپاهي [سولجر] جي حيثيت رکي ٿو ته ان ترقيءَ جي جنگ ۾ هرهڪ ڪمزور يا طاقتور جو حصو آهي، ته ڇو هروپرو منافعي يا رياءَ کان ڪم وٺي بنا سمجهڻ جي پنهنجي راءِ لڪائي ڇڏجي. تنهنڪري هي ڪليل راءِ مان دلي طور ظاهر ڪريان ٿو. ائين هروپرو ڪونه آهي ته آڳ صحيح هجان پر پنهنجي ناقص سمجهه آهي. اها ڳالهه صحيح سمجهي اظهار راءِ ڪريان ٿو. مونکي اخباري بحث مباحثن لاءِ وقت ڪونه آهي، انڪري جواب وغيره جي اميد نه رکڻ گهرجي. عام پبلڪ کي حق آهي ته منهنجي راءِ درست سمجهن يا نه، اهو سندن وس آهي، مون سان ڀڏل نه آهن. تنهنڪري هروپرو ان ڳالهه کي مذهبي رنگ ڏيئي نقط چيني نه ڪرڻ گهرجي، جي ڪندا ته به سندن مرضي، جواب ڪونه ڏيندس. ايترو به ڪين ٻڌايان ٿو ته اختلاف راءِ هوندي به، جڏهن مجلس خلافت ڪثرت راءِ سان نهراءَ پاس ڪيو، ته ان تي عمل ڪرڻ احترام خاطر منهنجو فرض ٿي ڇڪو. ان مان هي ظاهر ٿيندو. ته اڄ اهو وقت آيو آهي جنهن ۾ آزاد خيالي ظاهر ڪرڻ کان ماڻهن کي نه ملن مولوين جو ڊپ ڪرڻ گهرجي، نه ميرن پيرن جو، نه زميندارن ۽

سرڪار جو، ان سان گڏ مُلن، مولوين، سيدن پيرن، زميندارن ۽ سرڪار کي ب گهرجي ت صدق دليءَ سان آزاد راءِ ظاهر ڪرڻ تي حشر نہ برپا ڪرڻي ڏين.

ٽئريج جي مسجدن جي حفاظت لاءِ زبردست هلچل مچائڻ واسطي جي دليل پيش ڪيا يا ڏنا تا وڃن، تن جو اختصار هي آهي ت:

1. خدا جي عبادت جي جاءِ پي ڪنهن ڪم اچي نہ ٿي سگهي.
2. اهي مسجدون ڇاڻي واڻي بئيرج اندر آندیون ويون آهن.
3. انهن جي تلافي صرف يا واه ڦيرائي وڃڻ يا واهه جي وچ ۾ مسجدن پکي ڪرڻ سان ٿي سگهي ٿي.
4. [ائين ڪرڻ سان] لئنڊ روينيو موجب مسجدن خريد ڪرڻ جو حق ثابت ٿي پوندو.
5. آئنده لاءِ[ب] هي مثال وني عملدرآمد ڪئي ويندي.

ان لاءِ منهنجي راءِ آهي ت:

1. مسجد ڳوٺ جي رهاڪن ۽ عام ماڻهن جي هڪ هنڌ گڏجڻ ۽ مجموعو ٿي عبادت ڪرڻ جي جاءِ جو نالو آهي. اهي گهٽو ڪري اتي نهرايون وڃن ٿيون جتي ڳوٺ يا ماڻهن جي آمدرفت جي جاءِ هجي، ت اتي گڏجي عبادت ڪرڻ لاءِ جماعت خاني جو ڪم ڏئي، نہ ت ايئن ت هرهڪ مسلمان ڪنهن ب صاف زمين تي عبادت ڪري سگهي ٿو. جڏهن چوڻ ۾ ٿو اچي ت اسلام رسم رواج جاين جڳهن جي پابندين جي زنجيرن کي ٽوڙي آزاد ڪري سڪ سلامتي دنيا ۾ آڻڻ جو مذهب آهي، 'الله المشرق والمغرب فانيما تولوفثم وجه الله' ان تي ڪافي شاهد آهي ت هاڻ جڏهين ڳوٺ سجو لڏي ويو ۽ ماڻهو منجهس ڪونہ رهيو تڏهن انجو حقيقي مقصد ماڻهن لاءِ مرڪزي عبادت وارو ت نڪري ويو باقي رهيو جڳهه جو عزت ۽ احترام.

2. اهو جو چوڻ ۾ اچي ٿو ت ڇاڻي واڻي بئريج اندر مسجدون آندیون ويون آهن اهو ڪيتري قدر درست آهي ۽ جڏهن ڪي صورتحال نهندا آهن ت نقشن ۽ چڪن تي ڪري ڪڍي ويندا آهن، ان

وانگر ان ڳالهه مان ظاهر آهي ته هن واهه جو جڏهن صورتحال نهيو هوندو ۽ ڪنهن ننڍي ڳوٺ جي وچان واهه لنگهڻو هوندو ته اهي ڳوٺ کو سروي ٽيل ڪونه آهن جو خبر پوي ته جنهن ڏکر مان واهه لنگهڻو آهي، اتي کا مسجد به هوندي، اهو ته خواب خيال به ڪونه هوندو. جڏهن سڄو صورتحال نهي مٽي سرڪار ۾ منظوريءَ لاءِ ويو ۽ ڪيترن سالن جي لکپڙهه کان پوءِ پاس ٿي آيو ۽ واهه جي ڪٽن ۽ نشانن لڳڻ وقت خبر پيئي، ته فلاڻي هنڌان مسجد وچ ۾ اچي ويئي آهي، ته اهو ڪم اتفاقي چئبو نه جاڻي واڻي، اهڙا اتفاقي ڪم ڪيترا ٽين ٽا دريا [به ته] مسجدون پايو وڃي وغيره.

3. واهه قيرائجي، اها ڳالهه هن ڪري دشوار آهي جو ڪيئي سال لکپڙهه هلي واهه جا صورتحال منظور ٿيا آهن، هاڻ وري جي صورتحال قيرائجي ته اڳوڻن واهن وانگر واهه کي وڪڙ ته نه ڏياربو. وري جڏهن مٽان وڻي سڄي ۾ قيرگير ڪجي جنهن ڪري وري گهٽي صورت حال ۾ رولو پئجي وڃي، نيون منظوريون ونجن، زمينون خريد ڪجن، جيڪي واهه اڃ تائين نڪري ويا آهن سي رد ڪرٽا پون. لکها رپيا هڪ مسجد لاءِ زياده خرچ ڪرٽا پون، اهي پئسا به غريبن جي پگهر جي ڪمائيءَ جا آهن ۽ اهي خلق خدا جي پلي لاءِ خرچ پيا ڪيا وڃن ان حالت ۾ صرف اعتقاد جو مريد ٿي زمين ڏکري بچائڻ لاءِ ايڏي تڪليف ڪرڻ سان اسلام جهڙي ڪشاده مذهب لاءِ [اهڙو ڪم] ڪم از ڪم آءٌ نازيبا سمجهان ٿو. هي هڪ [مسجد پرستي] عبادت جي [جاءِ پرستي] ٿي، باقي خدا پرستي ته نٿو چئي سگهجي. مسلمانن جي اندر جون مسجدون [دليون] زبون ۽ ويران ٿي، خراب شين جو مرڪز ٿي رهيون آهن انهن لاءِ ايتري سرجوشي ڪاڻ آهي. باقي عمارتن جي اتفاقي طور خلق خدا جي پلي جي راهه ۾ ڪتب اچڻ تي جدوجهد ڪرڻ، سا ڳالهه ڪيتري قدر درست چئبي، سو عقلمند پاڻ سمجهندا. واهه جي وچ ۾ مسجدون بينيون هجن، سرڪار پڪيون ڪرائي ڇڏي. ان لاءِ جواب آهي ته اتي

چا ڪنديون، ڪر ڪهڙي اينديون ماڻهو نماز پڙهڻ لاءِ ڪيئن وڃي سگهندا. يا صرف ڏسڻ لاءِ اتي قائم ڪرايون ٿيون وڃن ان ۾ انصاف ڪيترو آهي سو سيڪو سمجهي سگهندو.

4. لئنڊ روينيو موجب متان مسجدن يا عبادت گاهن جي خريد ڪرڻ جو [رواج] قائم ٿي وڃي: ان لاءِ منهنجي سمجهه موجب هيئن [نظر] ٿو اچي تہ سرڪار جو مسجدن جا پيسا مُلن يا ڪن ماڻهن ڪي ڏنا آهن وغيره. سو صرف مسلمانن جي مذهبي جذبات جي احترام رکڻ ۽ تلافي ڪرڻ جي خاطر هوندو، نہ تہ سرڪار جو ان مان مقصد ڪو لئنڊ روينيو جي قانون هيٺ خريد ڪرڻ جي حق ڄمائڻ جو هوندو وغيره ڇاڪاڻ تہ لئنڊ روينيو ۾ اهڙو ڪو صاف قلم ئي ڪونہ آهي.

5. آئنده اهو اصول قائم نہ ٿي وڃي، ان لاءِ سيڪا ڪالهه حالتن ۽ وقت جي حالتن تي دارومدار رکندي. ان ڪالهه تي اصول جو دارومدار رکڻ جو سبب ئي ڪونہ آهي جو هي هڪ اتفاقي مسئلو آهي.

